سنڌي ٻوليءَ جي مطالعي جو اشاعتي سلسلو

سنڌي آوازن جا تبادلا

محمّد سومار شيخ

سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو

حيدرآباد / ڪراچي

سنڌي آوازن جا تبادلا

محمد سومار شيخ

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو
حيدرآباد/ڪراچي
١٤١٢هه/١٩٩٢ع

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جو اشاعتي سلسلو

سنڌي ٻوليءَ جي مطالعي بابت

پهريون ڪتاب

تعداد هڪ هزار ١٩٩٢ع

ملڻ جو هنڌ
سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو
سنڌ صوبائي ميوزيم
قومي شاهراهه، حيدرآباد سنڌ

قيمت ١٥-٠٠ روپيا

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

هيءُ ڪتاب سنڌ ٽيڪ ڪمپيوٽرز حيدرآباد وٽان ڪمپوز ٿيو ۽ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري حيدرآباد/ڪراچي طرفان شايع ٿيو.

عنوان جي فهرست

پيش لفظ
مهاڳ
(١) الف جو و، س، هه ۽ ء سان تبادلو ١
(٢) ب جو ٻ، ڀ، و سان تبادلو ۴
(٣) ٻ جو ب سان تبادلو ۵
(۴) ڀ جو ب، ج، جهه، و سان تبادلو ٦
(۵) ت جو ٽ، ج، د، ڏ سان تبادلو ٧
(٦) ٽ جو ت، ڏ، ء سان تبادلو ٩
(٧) ٺ جو ٿر، ڙ سان تبادلو ١١
(٨) ٿ جو ٽ، ٿ، ڏ، ڌ، ڙ، س، ل ۽ ڙهه
سان تبادلو ١٣
(٩) ٺ جو تبادلو ١۴
(١٠) پ جو ب، ٿ، چ سان تبادلو ١۴
(١١) ڦ جو ب، پ، ف سان تبادلو ١۵
(١٢) ج جو ڄ، ذ، ي سان تبادلو ١۵
(١٣) ڄ جو ج، د، دي، هه سان تبادلو ١٦
(١۴) جهه جو ڃ، ڏ، ذي، س سان تبادلو ١٧
(١۵) ڃ جو ج، ڄ، جهه، گ، ن، ڻ سان تبادلو ١٨
(١٦) چ جو ت، ٿ، پ، س، ک، ل سان تبادلو ١٩
(١٧) ڇ جو ت، ٿ، پ، ڙ، س، ڪ سان تبادلو ١٩
(١٨) ح جو تبادلو ٢١

(١٩) خ جو ک سان تبادلو ٢١
(٢٠) د جو ت، ٺ، ڌ، ڏ سان تبادلو ٢١
(٢١) ڌ جو ٺ، ٿ، جهہ، د سان تبادلو ٢٢
(٢٢) ڏ جو ٽ، پ، د، ڊ، ل سان تبادلو ٢٣
(٢٣) ڊ جو ڊر، ڏ سان تبادلو ٢٤
(٢٤) ڍ جو پ، د، ڍه سان تبادلو ٢٥
(٢٥) ذ جو ج سان تبادلو ٢٥
(٢٦) ر جو ٽ، ڙ، ل سان تبادلو ٢٥
(٢٧) ڙ جو ٽ، ر، س، ل، ڻ، ھ سان تبادلو ٢٦
(٢٨) ز جو ج سان تبادلو ٢٧
(٢٩) س جو ھ سان تبادلو ٢٨
(٣٠) ش جو چ، س سان تبادلو ٣١
(٣١) ص جو چ سان تبادلو ٣١
(٣٢) ض جو تبادلو ٣٢
(٣٣) ط جو تبادلو ٣٢
(٣٤) ظ جو ج سان تبادلو ٣٣
(٣٥) ع جو تبادلو ٣٣
(٣٦) غ جو گ سان تبادلو ٣٤
(٣٧) ف جو پ سان تبادلو ٣٤
(٣٨) ق جو تبادلو ٣٥
(٣٩) ڪ جو چ، ک، ڳ سان تبادلو ٣٥
(٤٠) ک جو چ، ڇ، ڪ، ڪھ، ھ سان تبادلو ٣٦
(٤١) گ جو ق، س، ڪ، ڳ سان تبادلو ٣٧

(۴۲) گ جو ڪ، گ سان تبادلو ۳۸
(۴۳) گھ جو ڪ، گ سان تبادلو ۳۹
(۴۴) گ جو گھ سان تبادلو ۳۹
(۴۵) ل جو ر سان تبادلو ۴۰
(۴٦) م جو ل، و، ء سان تبادلو ۴۱
(۴۷) ن جو ج، ل سان تبادلو ۴۲
(۴۸) ڻ جو ڙ سان تبادلو ۴۲
(۴۹) و جو، ا، ب، ٻ، پ، ڦ، ڪ،
م، ن، ه سان تبادلو ۴۳
(۵۰) ه جو ا، ڀ، ڄ، ڃ، س، ش،
ڪ سان تبادلو ۴۵
(۵۱) ء جو ٿ، ت، م سان تبادلو ۴۷
(۵۲) ي جو ج، ڄ سان تبادلو ۴۸

پيش لفظ

سنڌ صوبائي حڪومت جي طرفان ”سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو“ (سنڌي لئنگويج اٿارٽي) قائم ٿيو آهي جنهن جي سهاري هيٺ سنڌي ٻولي بابت تحقيقي اشاعت جو سلسلو شروع ڪيو ويو آهي.

”سنڌي ٻوليءَ جو مطالعو“ هڪ وسيع موضوع آهي، جنهن ۾ ٻوليءَ جي تاريخ، صرف نحو، ٻوليءَ جي اندروني سٽاء، روزمره جي ٻولي، اصطلاح، الفاظ وغيره اچي وڃن ٿا. انهن عنوانن تي تحقيقي ڪتاب شايع ڪرڻ ”سنڌي لئنگويج اٿارٽي“ جي رٿا ۾ شامل آهي. هي ڪتاب ”سنڌي آوازن جا تبادلا“ انهيءَ رٿا جي سلسلي جو پهريون ڪتاب آهي.

مرحوم شيخ محمد سومار جو ادبي چاڻ ۽ تحقيق جي سلسلي ۾ راقم سان واسطو هو ۽ هن هيءُ ننڍڙو مگر قيمتي ڪتاب لکيو جيڪو سنہ ١٩٦٩ع ۾ شايع ٿيو. سنڌي زبان جي صوتيات جي سلسلي ۾ هن ڪتابڙي جي اهميت محسوس ڪندي ان کي دوباره شايع ڪيو وڃي ٿو. هن موضوع تي هي ڪتابڙو هڪ ابتدائي ڪوشش آهي ۽ اميد ٿي ڪجي تہ ٻيا سمجهدار سڄڻ هن موضوع تي وڌيڪ ويچار ڪندا ۽ لکندا.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
چيئرمين سنڌي لئنگويج اٿارٽي

مهاڳ

علم لسان يا ٻوليءَ جي علم جي صوتيات هڪ وڏي شاخ آهي.صوتيات پڻ پنهنجيءَ جڳهه تي هڪ ڌار علم آهي.صوتيات جون پڻ ڪافي شاخون آهن، جن مان هڪ شاخ " آوازي" (اکري) مٽا سٽا پڻ آهي.

جهڙيءَ طرح هڪ رپئي ۾ سؤ پئسا آهن، يا ڪٿي هينئن چئجي ته "هڪ سئو نوان پئسا هڪ روپئي جي برابر آهن" ته غلط نه آهي آوازي مٽاسٽا يا تبادلو پڻ ائين آهي.هڪ آواز جي پاران ٻيو آواز ڪم ايندو آهي ۽ مطلب يا ڪارج ساڳيو ٿيندو.

مٽاسٽا يا آوازي تبادلي جا ڪئين قسم آهن. جن مان ٻه مُکيه وڏا نمونا آهن.

(١) گهرو يا ملڪي مٽاسٽا .

(٢) ٻاهرين يا ڌارين ٻولين سان مٽاسٽا.

لاڙي، ڪڇي، لاسي، ٿري ، اترادي، سرائڪي، ۽ وچولي واري سنڌيءَ ۾ ٿورو گهڻو فرق آهي. اهو گهرو تبادلو آهي. ٻاهريون ٻوليون جهڙوڪ اڙدو، پنجابي، بلوچي، بنگالي، انگريزي، عربي ۽ فارسيءَ جو پڻ ڪجهه نه ڪجهه اکرن جي تبادلي تي اثر رهندو. اهو بيروني تبادلو آهي.بيروني تبادلي لاءِ هن تذڪري ۾ گهٽ گنجائش رکيل آهي، البته اندروني تبادلي ڪي وضاحت سان ورجايو ويو آهي.

سنڌ ۾ ڪئين ٻاهريون ٻوليون اچي هتي جون ٿي ويون.انهن جي مادري ٻوليءَ جي مٽاسٽا جو پڻ سنڌيءَ تي اثر آهي.پراڻا سنڌي ۽ نوان سنڌي انهيءَ تبادلي کي هينئر به ڪٽيو اچن. جيڪي قومون هينئر تازو سنڌيءَ کي پنهنجو پيون ڪن،

انهن پڻ ٻوليءَ ۾ آوازي گهٽي هير ڦير آندي آهي.
اسان جي ٻولي حضرت عيسيٰ کان ۵۰۰۰ ورهيه اڳ ڳالهائي ۽ لکي ويندي هئي. هن ٻوليءَ کي اُسرن، پٺين، هٽين، سومرن ۽ ٻين قومن آرين کان اڳ پئي ڳالهائيو ۽ لکيو. آريا پڻ هن ٻوليءَ کان زبردست متاثر ٿيا. سنڌيءَ جو آرين جي ٻوليءَ سنسڪرت تي ۹۵ سيڪڙو اثر آهي. آرين کان پوءِ يوناني سٿين، عرب، ايراني، افغان ۽ ترڪ پڻ هن ڏيهه ۾ آيا، انهيءَ جو به هن ٻوليءَ تي ڪجهه نه ڪجهه اثر ٿيو. هينئر جو اسان جا هندستاني پائر اسان وٽ اردو ٻولي کڻي آيا آهن ته ڪجهه سنڌيءَ جو اردوءَ تي ۽ ڪجهه اردوءَ جو سنڌيءَ تي اثر پئجي رهيو آهي.اُهي اثر ئي آهن جي آوازن کي تبادلي جي رس ۾ آڻين ٿا.
اسان آوازن جي متاسنا جي تاريخ کڻنداسون ته موهن جي دڙي کان وٺي اڄ ڏينهن تائين اِها متاسنا، اسان سان سات ڏيندي اچي. قومن جي تاريخ جيَ سچي سڃاڻپ وٺڻي هجي ته ٻوليءَ کان پڇجي. ٻولي ئي قومن جي ٻولتي تاريخ آهي. هي جو اسين ڪن لفظن ۾ "و" کيٰ" ب" ڪري اُچاريندا آهيون اهو اسان تي آرين جو اثر آهي. اسين چئون "واهوندو" ۽ ساڳيو لفظ "وسنت" ۽ بسنت به ڪري اُچاريون. سڌو سنئون اهو اثر اسان تي آرين جو آهي. اهو اسان تي موهن جي دڙي جي تهذيب، تمدن ۽ تاريخ ختم ٿيڻ کان پوءِ پيو آهي.اسان به آرين کي بخشيو ڪو نه. آريا جتي "ب" جي جاءِ تي "و" ڪم آڻيندا آهن. اِهو سڌو سنئون مٿن اسان جو اثر آهي.اردو ۽ هندي جيڪا سنسڪرت جي ٻچ مان آهي، ان تي به سنسڪرت وانگر ۹۵ سيڪڙو اثر

آهي. سواءِ اکرن جي هير ڦير جي سنڌي، هندي ۽ اردو هڪ جهڙيون ٻوليون آهن. البت ڪي خوبيون جي سنڌيءَ ۾ آهن سي مذڪوره ٻولين ۾ نہ آهن.

متاسنا جا جيڪي وڏا سبب آهن، انهن ۾ پراڻي رسم الخط جو بنهہ وڏو هٿ آهي. "ب" ۽ "و" جو جيڪو تبادلو ٿيو آهي جنهن جو ذڪر مٿي ڪيو اٿم: اهو پڻ رسم الخط جي پراڻي لکيت جي ڪري ٿيو آهي. موهن جي دڙي جي "ب" ۽ برهمي يا آرين جي لکيت جو "و" هڪ جهڙمي شڪار رکن ٿا انهي ڪري "و" جي جڳهہ تي "ب" اچي وئي ۽ عالمن سڳورن جو "و" جي جاءِ تي "ب" ڪي ياد ڪيو تہ، عوام بہ اها اهل ڪئي ۽ اها غلطي درستيءَ ۾ تبديل ٿي وئي. غلطَ اچارڻ بہ متاسنّا ڪي هٿي ڏئي ٿو. ڪو چوي "ويڙهو" تہ ڪو چوي " لوڙهو، ڪو فرمائي " نقصان" تہ ڪو چوي "نڪشان." ايئن ڦير گهير ڪي هٿي ٿي ملي. ڌار ڌار لهجا پڻ متاسنا جا جوابدار آهن. اُترادي چون "ڇا" لاڙي چون" ڪڇاڙو" ۽ ڪي تہ مرڳو چون "ڪڇا." لهجن ڪان بہ وڌيڪ متا سنا ڪي "سهوليت" هٿي ڏي ٿي. هرڪو چاهي ٿو تہ ڏکئي آواز جي بدران سولو آواز ٻوليان. ڳرا آواز انهيءَ ڪري ماڳهين ڇڏي ڏين ۽ هلڪا اکر اُچارين ٿا. "هٿ تي ويهہ" کي اسان جا لاڙي يائر چون ٿا تہ " ات تي وي." اُترادي ۽ وچولي وارا انهيءَ گت سبب مٿانئن ڏاڍو کلندا آهن. پر هو بہ انهيءَ ڪل جي پرواهہ نہ ڪري بہ پنهنجي اها گت ڪٽيو اچن. ڪي ڪي اکر هڪ جهڙا ٿين ٿا، انهن ۾ سواءِ باريڪ فرق جي، وڌيڪ ويڇو نہ هوندو آهي. "شيخ "کي انهيءَ ڪري ڪي اُچارين "سيخ." اهڙيءَ طرح هڪ جهڙا اکر گهٽو ڪري

پاڻ ۾ تبديل ٿيندا آهن. مرڪب اکر (وسرگ) جهڙوڪ ڀ، ٿ، ڦ، ڇ، جهہ، ڌ، ڍ، ک، گهہ ۾ (هہ) گڏيل آهي. اهي مرڪب اکر(وسرگ) اسان جي سنڌي قوم وٽ اسرن جي اثر سبب آيا. اسر "س" کي "هہ" ۾ ڦيرائيندا هئا. انهيءَ ڪري انهن مرڪب اکرن کي آرين وري "هہ" کي "س" ۾ ڦيرايو. اسر جي اسان جا وڏا بزرگ هئا سي چوندا هئا " بهٽ" تہ آريا چوندا هئا "هست" ، اتي آرين " ٿ" (تهہ) کي "ست" ۾ ڦيرايو. اسان مرڪب اکرن مان ڪٿي " هہ" وڃائيندا آهيون، ڪٿي مرڪب اکر جي اڳ وارا اکر غائب ڪندا آهيون. ڪٿي وري مرڪب اکر اڳئين اکر سان گڏ "هہ" جي پڌري اُچار سان ياد ڪندا آهيون. ڪن اکرن ۾ واڌارا بہ ڪريون تہ ڪن اکرن ۾ ڪوٽ بہ رکون. ڪي چون "ڏکڻ" تہ ڪي چون "ڏک". اکرن جي مٽا سٽا جا وڏا سبب اهي ئي آهن. ننڍا سبب ٻيا بہ آهن جهڙوڪ آبهوا جو اثر، ٻاراڻي ٻولي، ٻاتيءَ ٻوليءَ جو اثر وغيرهہ مگر اهي اثر زوردار اثر نہ آهن، تنهن ڪري اکرن جي تبادلي ۾ انهن کي نظر انداز ڪري سگهجي ٿو.

آواز جي مٽا سٽا مان وڏو فائدو هي آهي تہ: (۱) اسان کي لفظ جي معنيٰ آسانيءَ سان ملي وڃي ٿي. (۲) اهو پڻ پتو پئي سگهي ٿو تہ اها مٽا سٽا ڪهڙي وقت ۾ ٿي ۽ ڇو ٿي. مثلاً ڪو اکر "و" جي بدران "ب" ٿيو ٿو ڪم اچي تہ اسان يڪدم چونداسون تہ اها مٽاسٽا آرين ۽ سنڌين جي تصادم وقت ٿي. اهڙي طرح سان اکر جي مٽا سٽا سبب معنيٰ ۽ تاريخ اسان اڳيان اچي بيهي ٿي. مٽا سٽا مان ڪجهہ نقصان بہ آهن. اکرن جو حليو بہ بگاڙيو وڃي ٿو مثلاً

"نقصان" ۽ "زيارت" کي ڪو "نشڪان" ۽ "جيارت" چوي ته اهو ته لفظ جو بيڙو ئي غرق ڪيو ويو ۽ لفظ جو حليو ئي بگاڙي آواز کي بد زيبو ڪيو ويو. اهڙي طرح ڪي ڪي سهڻا الفاظ بدزيبا ٿيندا آهن ۽ ٿورن لفظن ۾ اکرن جي هير ڦير سبب معنيٰ جي بدران مرڳو انهيءَ جو ضد يا ابتڙ پيدا ڪندي آهي. مگر گهڻي قدر ايئن نه ٿيندو آهي. گهڻي قدر اکر جي هير ڦير سبب درست معنيٰ نڪري ايندي آهي ۽ اکر جي هير ڦير سبب اصليت کي ويجهو پوندو آهي. انهن فائدن کي نظر هيٺ رکي مون هي ڪتاب لکيو آهي. اگر ڪنهن هن مان فائدو ورتو ته چئبو ته منهنجي محنت سجائي وئي ۽ مونکي منهنجي محنت جو ڦل ملي ويو.

محمد سومار الله بچايو شيخ
پير عالي شاھ جو ڪوٽ بدين، سنڌ
۱۸ فيبروري ۱۹٦۸ع

سنڌي آوازن جا تبادلا

(١) الف

جهڙي طرح راند ۾ مزو ۽ لطف ايندو آهي.اهڙي طرح آوازن جي ڦير گهير ۾ پڻ مزو ۽ لطف آهي. البته اهو مزو تڏهن ايندو، جڏهن اوهان آوازن جي سٺي طرح ڦير گهير جو مطالعو ڪندا. راند ڪيتري به ڪٺي دلچسپ ڇونه هجي، پر جي ڪنهن ان کي سمجهو ئي نه هوندو ته ان لاءِ اها دلچسپ راند به مڙئي دبي ۾ نڪريون ئي پونديون. اهڙي طرح هي دلچسپ تبادلا به دلچسپي ٿا طلبين. انهن کي اگر اوهان دلچسپي سان مطالع ڪيو ته پوءِ ڪنهن به ڏکئي لفظ جي معنيٰ اوهان لاءِ ڏکي نه رهندي.

"الف" سنڌي الف-بي جو پهريون اکر آهي. "الف" جو گهڻو ڪري "هه" سان تبادلو ٿيو آهي. ڇو ته پراڻي سنڌو ماتري جي رسم الخط ۾ " الف " ۽ "هه" جي رسم الخط ڏري گهڻ هڪ جهڙي آهي. ان کان سواءِ ننڍا ننڍا بيا پڻ تبدليل ٿيا آهن. هيٺ الف جي افاديت جو ذڪر ڪريان ٿو: الف جي جڳهه تي لفظ جي پڇاڙيءَ ۾ "و" ايندو ته جمع مان واحد ٿي پوندو: مثلاً

جمع	واحد
(١) ڪاڏا (الف)	ڪاڏو (و)
(٢) رڻا (الف)	رڻو (و)
(٣) لتا (الف)	ٿو (و)
(٤) وينا (الف)	وينو (و)

(٥) ڇوڪرا (الف)	ڇوڪرو (و)
(٦) وڻا (الف)	وڻو (و)

"الف" جي جاءِ تي "س" آئي تہ اصل معنيٰ جي ابتڙ لفظ ٺهي ويندو. مثال:

الف	س
اولو	سولو
رهنج	سهنج
اهڪو	سهڪو

گهڻين جاين تي لفظن مان "الف" ڪري پوندو آهي ۽ اچاريندڙ اُنهيءَ کي نہ ڪڇندا آهن. مثلاً

مانڌ	مهند
اُبهڻ	بيهڻ
هائي هائي	هئي هئي
ڪاڏي	ڪيڏي

ڪٿي ڪٿي ڪريل "الف" جي جاءِ تي "ت" "ٿ" اچي بيهندا آهن، جنهن جو مثال "ڪٿان" جي ڦير گهير ۾ نظر ايندو. لفظ "ڪٿان" شاه پڻ ڪم آندو آهي.

"ڪٿان سڪين سپرين ڪاسايڪي ڪار" انهيءَ "ء" جي جاءِ تي هينئر (ٿ) پئي ڪم اچي، سڀ "ڪٿان" پيا اچاريون. انهيءَ باري ۾ اوهان "ء" جي ذڪر ۾ وڌيڪ ڳالهيون مطالع ڪري سگهو ٿا.

اوهان پراڻو سنڌي شعر پڙهندي "اُتو" لفظ ضرور ڏسندا. اهو لفظ لاسي ۽ جابلو سنڌيءَ ۾ اڄ بہ ڪم ايندو

آهي. اسان" اُتو" جي جاءِ تي "چيو" لفظ ڪم آڻيندا آهيون. اهو"الف" ۽ "چ" جو تبادلو آهي. اهڙيءَ مثا ستا" ارا" يعني "ڪلا" لفظ ۾ ٿي آهي. اتي وري "ا" جي بدران "ڪ" ڪم آيو آهي.

الف.جو وڏو تبادلو "ه" سان ٿيو آهي، انهيءَ لاءِ ڪي سبب پڻ آهن. هڪ تہ "الف" ۽ "ه" جو آواز هڪجهڙو آهي، ٻيو تہ انهن جي تحريڪ پڻ ساڳي آهي. انهي ڪري "الف" جي جاءِ تي "ه" گهڻي انداز ۾ ڪم آئي آهي. مثلاً

اُن	هُن
اُنهن، اُنن	هُنن
اُتي	هُتي
اُت	هُت
اتان	هتان
اُو	هُو
او	هو
اي	هي

گهڻو ڪري ٻارڙا "ه" جي جاءِ تي " الف" ڳالهائيندا آهن ڇو تہ هنن کي "ه"کان" الف" سولو لڳندو آهي.لاڙي ماڻهن تان اترادي رڳو انهيءَ ڪري کلندا آهن، جو انهن ۾ "ه" جي بدران "الف" ڳالهائڻ جي عادت گهڻي آهي. جيئا لاڙين، ڪڇين ۽ لس ٻيلي وارن ۾ بنهہ گهڻي آهي.شاهہ جو رسالو سڄي جو سڄو لاڙي لهجي ۾ آهي.

"ايک قصر درلک، کوڙين ڪٽس ڳڙکيون"
هتي ته هيڪاري ڳالهه بڌري ٿي ته لاڙين جو "هه" جي جاءِ تي "الف " کم آندو ته انهيءَ عيب سبب پنهنجا پائر اترادي ته پاڻ تان ڪلايائون پر هو هندي جا جنم ڏيندڙ ٿي پيا. هندي يا اردوءَ کي سنڌيءَ جنم ڏنو آهي، اها ڳالهه ڪنهن بي دفعي اوهان سان ڪبي، هتي ڇيڙ ڇاڙ نه ڪبي.

(٢) ب

اوهان "الف" کان پوءِ "ب" ته ضرور پڙهي هونذي. "ب" آئيويٽا موجب ٻيو اکر آهي. "ب" جو تبادلو هک " و" سان، ٻيو "ٻ" ۽ "ڀ" سان ٿيندو آهي. "ب" ۽ "ٻ" هک جهڙا آواز آهن.انهيءَ ڪري اسين چئون بابا پر اسان جا ڪڇي پائر چون ٻاوا. اهو "ب" جو "ٻ" سان پڌرو تبادلو آهي. پر پراڻي رسم الخط ۾ "ب" ۽ "و" جي صورت ۾ ٿوڙو تفاوت هو. انهيءَ سبب جي ڪري "و" جي جاءِ "ب" ۽ "ٻ" جي جاءِ تي "ڀ" عام طرح استعمال ٿيو. هيٺ اهڙا مثال ڏيان ٿو، جنهن مان اهو ثابت ٿئي ٿو ته "ب" وارا اکر "و" ۾ ڪيئن تبديل ٿيا:

ب	و
باجو	واجو
باندر	وانر
بانس	واس
برسڻ	ورسڻ
بره	وره

ٻنرو	ونو (ونرو)
ٻارو	وارو
ٻار ٻار	وار وار
ٻتال	وتال
ٻڪو	وڪو

"ب" کي وسرگ جي قاعدي موجب ڪڏهن ڪڏهن "پ" ۾ تبديل ڪبو آهي. ڪتنب لفظ ڪٿي ڪٿي "ڪتنپ" انهيءَ قاعدي سبب ٻڌڻ ۾ ايندو آهي.

(٣) ٻ

سنڌي "الف ب" ۾ "ٻ" ٽيون نمبر اکر آهي. "ٻ" کي دبيل "ب" سمجهڻ گهرجي. اگر اوهان ڌارين دوستن کي "ٻ" جو اُچار سيکاريو ته انهن کي ٻڌايو ته "ٻ" مشدد "ب" آهي، اگر اوهان مشدد "ب" وانگر "ٻ" ڪنهن غير سنڌي کي سيکاريو ته هو آسانيءَ سان اهو اکر اُچاري سگهندو.

جيئن ته "ٻ"، "ب" جي دبيل صورت آهي، تنهن ڪري ان جو آواز به "ب" وانگر تبديل ٿيندو آهي، اسان جا ڪيچي ڀائر گهڻو ڪري "ٻ" کي ب ڪري اُچاريندا آهن. اسان اگر ڪنهن ڪيچي ڀاءُ کان "ٻاوا" لفظ ٻڌون ته يقين سان ڄاڻو ته اهو "ٻابا" جو بدليل ۽ متبادل آواز آهي: اوهان اگر ڪيچي ڀائرن جي ڪن لفظن جي "ٻ" جي جاءِ تي "ب" داخل ڪندا ته اصل لفظ اوهان کي سامهون ٿي بيهندو ۽ اوهان جي مُنجهه دور ٿي ويندي. اسان جا ڪيچي ڀائر مهاتما گانڌيءَ ٻني پيار

مان "پاپو" ڪري چوندا هئا. هن لفظ مان اسان کي "ب" ، "ٻ" ۾ ڦيرائڻي پوندي ۽ لفظ "پاپو" " بابو " (پ - ب) ڏسڻ ۾ ايندو. "بابو" ۽ "ابو" کان ته اوهان واقف ٿي هوندا. اسان پنهنجي پياري " پيءُ" کي "بابو" به ڪري چوندا آهيون. اهڙي طرح آوازن جي هير ڦير اوهان کي ڏکين لفظن سمجهڻ جي سگهه ڏيندي. ڪٿي ڪٿي "ٻ" جي اکري ڦير گهر "ب" وانگر پڻ ٿيندي آهي ڇو ته "ب" ۽ "ٻ" ملندڙ آواز آهن.

(۴) ڀ

"ڀ" سنڌي آئيويٽا ۾ چوٿون نمبر اکر آهي. هن اکرجو "ب" "جهه" "و" ۽ "ڄ" سان تبادلو ٿيو آهي.اسان "ياءُ" "ساڀير" "اُڀارڻ"اُچاريندا آهيون ۽ سڀ الفاظ ڳالهائڻ وقت "ڀ" جو چٽو اچار ڪندا آهيون پر اسان جا ڪڇي ۽ لاڙي ياٺر،"ڀ" ، جو "ب" ۽"هه" جي ملڻ سان ٺهيو آهي تنهن مان "هه" ڪڍي باقي "ب" کي اچاريندڙ آهن، ۽ اُهي انهن لفظن کي "باءُ" "سانبر" "اُبارڻ " ۽ "سب" اُچاريندڙ آهن. ڪي چون ڪتنب، ته ڪي چون ڪتنڀ، ڪي چون "سڀ" ته ڪي اُچارين "سب."

جيئن ته "ڀ" کي "ٻ" آواز ويجهو آهي انهيءَ ڪري ڪي ڪي "ڀ" ۾ تبديل ڪن. جيئن ته:

اُڀارڻ	کي	اُٻارڻ
ابرو	-	اٻلو
ابرڙي	-	اٻلڙي
سبير	-	سٻل

اوهان "ٻ" جي ذڪر ۾ "ٻ" ۽ "و" جو تبادلو ضرور ڏيان ۾ رکيو هوندو. "ڀ" آواز جڏهن "ٻ" جي تبادلي هيٺ آيو تڏهن "و" جو تبادلو ازخود انهيءَ جيءَ آواز کي ويجهو ٿي ويو. اسان "نيپاهڻ" مصدر اچاريندا آهيون. ان کي ڪي دوست "نواهڻ" ڪري ياد ڪندا آهن. اهو تبادلو پهرين "نيپاهڻ" مان "نباهڻ" ٿيو هوندو ۽ پوءِ "نواهڻ" جي صورت ورتي هونداين. هي جو ڪي ماڻهون "پٽون" کي "وچون" چوندا آهن اهو بہ انهيءَ تبادلي جي ڪري.

اسان جا ڪجي پائر "ڀ" کي "جهہ" ۾ پڻ ڦيرائيندا آهن. اسان چئون "ليڻ" ۽ ڪچي چون "لجهڻ" کي تہ رڳو "ليڻ" جي "ڀ" مان "ب" وجائي لهڻ ڪري اچارين. اهو "ڀ" جي بدلي "هہ" جو اُسرڻ آهي. ڪي ليڻ ۽ لهڻ بدران "لڌڻ" جي صورت "لڌي" ڪم آڻين. مون شيءِ لڌي آهي. اِهو "ڀ" ۽ "ڌ" جو تبادلو آهي.

جيئن پين آوازن جو تبادلو اوهان هن ڪان اڳ ڏٺو آهي. اهڙو تبادلو سين اکرن جو پاڻ ۾ ٿيندو آهي. آوازن جي تبادلي سان معنيٰ ۾ تبديلي ڪانہ اچي، پر ڏکيو لفظ مرڳو آسان ٿيو پوي. اوهان جي سيئن اکرن جا تبادلا پاڻ وٽ نوٽ ڪري رکيا تہ توهان کي ڪنهن بہ سنڌي لفظ جي معنيٰ ڳوليندي دير مور ڪانہ لڳندي.

(٥) ت

اوهان "الف ب" پڙهندي "ت" اکر تہ پڙهيو هوندو. سنڌي "الف ب" ۾ اهو حرف پنجون نمبر اکر آهي. "ت" جو وڏو تبادلو "د" سان ٿيندو آهي.

اوهان جي امتحان خاطر آءُ هيٺ ڪي لفظ لکان ٿو، اوهان ڪوشش ڪري انهن جو "د" ۾ تبادلو ڳوليو:

(١) تنت (٢) پليت (٣) شت (۴) انت (٥) مات (٦) آساونت (٧) باروت (٨) بوتو (٩) تاتارڻ ۽ (١٠) توئر. اوهان انهن اکرن جو تبادلو ڳولهي ورتو ته معنيٰ به ڇڻ ڪر ڳولهي ورتي. اوهان ڪجهه ڪوشش ته ڪريو. متان ذهن لفظن مان ٿي لفظ ڳولهي سگهو. ڪوشش ڪاميابيءَ جي ڪنجي آهي. جي اوهان ٽن لفظن جي هير ڦير ڳولهي لهي سگهيا، ته ڇٺبو ته منهنجي اڻ پڇئي محنت سجائي ٿي.

هاڻ اوهان جيڪي لفظ ڦير گهير ۾ آندا آهن سي هيٺين لفظن سان ڀيٽيو. اميد ته اوهان کي نتيجي جي خبر پئجي ويندي. اهو اکرن جو تبادلو به آهي ۽ لفظن جي معنيٰ پڻ:

(١) تنت	تند (ت –د)
(٢) پليت	پليد
(٣) شت	شايد
(۴) انت	اند (حد)
(٥) مات	ماد
(٦) آساونت	آساوند
(٧) باروت	بارود
(٨) بؤتو	بودو
(٩) تاتارڻ	ذتارڻ
(١٠) توئر	دوئر

هيءَ به ڳالهه اوهان کي ياد رکڻي پوندي ته "د" "ڌ" هڪجهڙو لهجو رکن ٿا. گهڻا ماڻهو انهن ۾ تميز نه ڪندا

آهن. انهيءَ ڪري جيئن ”ت“ جو ”د“ ۾ تبادلو ٿيندو آهي، تيئن ”ڏ“ ۾ به تبادلو ٿيندو آهي.

(۱) ٻتائڻ ٻڌائڻ
(۲) ٻاتاڙ ٻاڌاڙ
(۳) ٻاتڙو ٻاڌڙو
(۴) ٻات ٻاڌ
(۵) اٻتو اونڌو
(٦) جتائڻ ٻڌائڻ

انهيءَ تبادلي کان سواءِ ٻيا پڻ ڪي ”ت“ جا تبادلا آهن. ڪٿي ڪٿي ”ت“ ڪٽجي ويندي آهي. ”الٽڻ“ انهيءَ ڪري ”اُلڻ“ ٿيو آهي. ڪٿي ”ت“ ”ٽ“ ۾ تبديل ٿيندي آهي. جيئن بسنت مان بسنٽ. اوهان ”اُتڻ“ لفظ تہ ٻڌو هوندو، ان جي معنيٰ چوڻ آهي. اِها ”ت“ ۽ ”ڇ“ جي متاستا آهي. متيئن متاستا کي ڏسي ڇٽي سگهجي ٿو تہ ”ت“ جو ”ٽ“ ”ڏ“ ۽ ”ڇ“ سان تبادلو ٿيندو آهي. ڪٿ ڪٿ ”ت“ اکر ڪٽيو پڻ ويندو آهي.

(٦) ٽ

”ٽ“ اسان جي ”الف ب“ ۾ ڇهون نمبر اکرآهي. اهو اکر ”ت هہ“ سان ٺهيو آهي. انهيءَ اکر جو گهڻو تبادلو ت، ڏ ۽ ء سان ٿيو آهي.

گهڻن اکرن جي وچ ۾ ”ت“ وانگر ”ٽ“ بہ ڪمزور ٿي ختم ٿي ويندي آهي. انهيءَ جي جاءِ تي ”ء“ اڀرندو آهي. هونئن بہ اوهان ڏٺو هوندو تہ جڏهن ڪو جوان جماڻ

ماڻهو پوڙهو ٿي، ڪمزوريءَ ڏانهن وڌڻ لڳي ٿو ته، ان جي جاءِ تي سندس اولاد ايرڻ لڳي ٿو ۽ اهو سندس ڪم هٿ ۾ ڪٺي ٿو. اهڙيءَ طرح اکر بجڏهن ڪنهن جاءِ تي ڪمزور ٿيندو آهي ته ان جي جاءِ تي ٻيو اکر ايرندو آهي ۽ اسان انهيءَ جو ئي آواز ڪندا آهيون. پر اکرن جي دنيا عجيب آهي. ساڳيا مثل اکر سالن کان پوءِ اسري پوندا آهن. هن ڪتاب ۾ اکرن جو ايرڻ ۽ ٻڏڻ ضرور ڏسي سگهندا. اهو ڏسي حيرت ٿيندي ته ڪو اکر ڪٿي ٻنهي ڪمزور ٿي ويو هوندو؛ اهو اکر ٻي هنڌ زوراور ٿيو پين اکرن کي پيو هيسائيندو ۽ پنهنجو ٻل جتائيندو. اوهان شاه جو رسالو ته پڙهيو هوندو، جنهن ۾ شاه صاحب هڪ هنڌ فرمائي ٿو ته: "ڪٿان سڪٿين سپرين ڪاسايڪي ڪار." اسان ڪٿان جي بدران چئون "ڪٿان". هاڻ اوهان کي ڪجهه ڪل پئي هوندي ته آواز ڪيئن مرن ۽ جيئن ٿا. "ء" جي جڳهه تي "ٿ" ۽ "ٽ" جي جاءِ تي " ء" رساڪشي ڪري رهيا آهن. ڏسڻ ۾ ائين ٿو اچيَ ته "ٽ" جو آواز مري سري ٻه جي پيو چو ته اسان هينئر "ٽ" ئي ٻيا اُچاريون، "ء" کي اسان وساري ڇڏيو آهي. "اُماٽو" (اُماٽڻ – مصدر) لفظ اوهان کي لاڙ ۾ عام طرح ٻڌڻ ۾ ايندو. " ڪُنو اُماٽي ڇڏ". اوهان حيران نه ٿيو. "اُماٽو" لفظ "اوندو " لفظ جو متبادل آهي. " ٽ" جي جاءِ تي ڪٿي ڪٿي "ڏ" ٻه ايندو آهي. "ٽ" جو وڏو تبادلو "ت" سان ٿيو آهي. "ٽ" ۾ هوندئن ٻه "ت" سان "ه"گڏيل آهي. لاڙ، لاسي ۽ ڪڇي "ه" کي گهٽو ڪري مرڪب آوازن مان ڪيرائيندا آهن، باقي "ت" بچائي اچاريندا آهن. هيٺين مثالن مان اهو تبادلو پڌرو ٿئي ٿو:

جاٽي	جٽي
تاٽي	تٽي
جٽي ڪٽي	جٽي ڪٽي
ٽو	ٽو
ٽي	ٽي

اوهان کي اگر "ٽ" جو پيو تبادلو نظر اچي ته لڪائي نه رکو، پنهنجي پاٺڪن کي انهيءَ کان اگاهه ڪريو.

(٧) ٺ

"ٺ" ستون اکر آهي. هن جي پراڻي صورت "ڙ" سان گهڻي ملندڙ هئي. پراڻي رسم الخط ۾ "ٺ" ۽ "ڙ" ذري گهٽ هڪ جهڙي صورت خطيءَ ۾ لکيا هئا، انهيءَ ڪري 'ٺ' ۽ 'ڙ' جو تبادلو گهٽي قدر ٿيو، اُن کان سواءِ تر، تل ۽ ز ۾ پڻ "ٺ" جي ڦير گهير ٿي.

"ناٺ" لفظ توهان ٻڌو هوندو. نچڻ وقت خاص نخري ۽ ناز جي ادائگيءَ کي "ناٺ" چئبو آهي. ناٺ کي ناز به چئبو آهي. اِهو "ٺ" ۽ "ز" جو تبادلو آهي.

ڪجي گهڻو ڪري 'ٺ' کي 'تر' ڪري اُچارين. 'پُٺ' کي 'پتر'، 'ٺي' (٣) کي 'تري' ۽ پاٺ کي 'پاتر'. اِهو 'ٺ' ۽ 'تر' جو تبادلو ليکبو.

'ٺڪو' کي 'ترڪو' ۽ پوءِ 'تلڪ' ڪري ياد ڪيو ويو. 'ٺ' جو 'تر' ۾ تبادلي جو نتيجو هو، جنهن کي هندو

موجوده وقت ۾ ’تلڪ‘ ڪري چوندا آهن. اِهو ’ٽ‘ ۽ ’تل‘ (تر) جو تبادلو آهي.

’ٽ‘ سان ’پ‘ جو ٿورو ڪجهہ تبادلو ٿيو آهي. اسان مان ڪي چون ڪَٽَڻ تہ ڪي آڪين ڪپڻ، اِهو ’ٽ‘ ۽ ’پ‘ جو ڦيرو آهي.

’ٽ‘ جو تمام گهڻو ڦيرو ’ڙ‘ ۾ ٿيو، جنهن جي لاءِ آئون اڳي ذڪر ڪري آيو آهيان تہ، پنهنجن جون پراڻيون لکيتون هڪ جهڙيون هيون. هيٺ ’ٽ‘ ۽ ’ڙ‘ جي تبادلي ۾ ايندڙ ڪجهہ الفاظ پيش ڪريان ٿو.

انڊٽ	انڊڙو (ٽ= ڙ)
ٽُٽڻ	ٽُڙڻ
هونٽ	هوڙ
اوٽ	اڙ
ٻلاٽي	ٻلاڙي (ٻيٽي)
ٻوٽو	ٻوڙو
ڦوٽ	ڦوڙ
جٽاء	جڙاء
چپٽي	ڇهنڊڙي
چِٽڻ	چِڙڻ
چٽل	چڙيل
لٽڪڻ	لڙڪڻ
لٽو	ليڙو
للاٽ	نراڙ

(٨) ٺ

"الف ب" موجب "ٺ" ائون نمبر اکر آهي. "ٺ" جو تبادلو ٿ، ٽ، س، ڏ، ڙ، ڌ، ل، ۽ ڙ ھ سان ٿيو آهي.

"ٺاڻ کي "ٿاڻ" بہ چئبو هي. اِهو "ٺ" "ٽ" جو تبادلو آهي. پاٺو ۽ ٺني (بيماري) انهيءَ هير ڦير سبب "پاٿو" ۽ "ٿني" ڪري اُچاريا آهن. 'ٺ' کي 'ٽ' وانگر اُچاريو ويو هو، تڏهن ٿ (ت+ھ) مان 'ت' ڪڍي ويئي هئي ۽ باقي 'ھ' بچائي ويئي جنهن کي 'س' ڪيو ويو. جيئن 'ٺاهي' کي 'ٺاسي' ڪري اُچاريو ويو. اِهو تبادلو قديم وقت ۾ انڪل روءِ آرين جي وقت ۾ ٿيو. جو تہ آريا 'ھ' کي 'س' ڪريو اُچاريندا هئا. اُن وقت 'رٺو' ۽ 'رٺل' لفظ 'رسُيو' (رٺو = رٿو = رتهو = رهو= رسو = رسيو) ۽ رٺل (رٺل = رٿل = رتهل = رهل = رسل = رسيل) ڦير گهير ۾ آيا. اِها ڦير گهير اسان کي پراڻي سنڌي جي پراڻي تاريخ ڏانهن متو جه ڪري ٿي. گهٽ ۾ گهٽ آرين جي وقت ۾ هلندڙ سنڌي اسان اڳيان اُسري بيهي ٿي.

'ٺ' جي جاءِ تي 'ڏ' پڻ اُچاريو آهي. . 'ڪنني' انهيءَ سبب 'ڪنڏي' ڪري اُچاريندا آهيون.

'پٺ' کي 'پُٺاڏ' بہ چئون. اهو 'ٺ' ۽ 'ڏ' جو تبادلو آهي.

'ٺ' جو 'ٽ' ۾ تبديل ٿي آهي تہ انهيءَ "ٽ' وري پنهنجو رخ "ڙ" ڏانهن ڦيرايو آهي. انهيءَ سبب "جوٺو" لفظ "ڪوڙو" ڪنن بڌو آهي. "ڙ" جي جاءِ تي "ڙھ" پڻ مستعمل ٿي آهي. "لٺ" انهيءَ ڪري "لوڙھ" تي ياد ٿي آهي.

'ڙ' يا 'ر' جو 'ل' سان ويجهڙو تعلق آهي. 'ٺ' جو 'ڙ' ۾ تبديل ٿي آهي تہ 'ل' بہ انهيءَ جي ايل جهلي وينو

آهي. ’نوننو‘ ۽ ’لولو‘ انهيءَ تبادلي جو نتيجو آهي.

(٩) ث

سنڌي ”الف ب“ ۾ ’ث‘ نائون نمبر اکر آهي. اسان جي ٻوليءَ ۾ ’ثَ‘ جي ڦير گهير مُور ڪانہ ٿي آهي. تبادلو انهن اکرن جو ٿيندو آهي جيڪي آواز رکنا آهن. اسان عربي اثر سبب ’ث‘ لکندا تہ آهيون، پر اُچاريندا ’س‘ آهيون. انهي ڪري ’ث‘ ڪي اسين پڙهندي، لکندي ۽ ڳالهائيندي بہ صحيح سڃاڻي نہ سگهيا آهيون ڇوتہ اهو آواز اسان جو نہ آهي پر عربن کان اُڌارو ورتو اٿئون. انهي ڪري اسان انهي اکر تي ڪو فخر ڪونہ ڪندا آهيون. ڇو تہ ”ويهائي ٿوڻ، اُڌاري مت، ڪڏهن بہ ڪم نہ ايندا آهن.“

(١٠) پ

اسان جي الف ب جو ’پ‘ ڏهون داڻو آهي. ’پ‘ سان ب ڇ ۽ ٿ جو تبادلو ٿيو آهي.

لاڙي ’پر‘ لفظ کي ’بر‘ ڪري ياد ڪن، ڪڇي پُڻ اُنهي ايل ۾ لاڙين سان ٻانهن ٻيلي ٿيندا آهن. اهو ’پ ’ب‘ جو تبادلو آهي. ڪي ’پنجو‘ چون تہ ڪي ’ڇنبو‘ چون. درست ’پنجو‘ آهي. يعني پنجن آڱرين جو ميڙ. پر انهيءَ کي پنبو بہ چوندا آهيون. اهو ’پ‘ ۽ ’ڇ‘ جو تبادلو آهي.

اوچتو لامارو ڏيئي، سرڻ جهپ ۾ ڪا شيءِ کڻي وڃي تہ شيءِ جو ڏٺي وائيڙو ٿيو پيو نهاريندو. گهٽو ڪري سرڻ گوشت تي واه جو جهپ هٽندي آهي. ’جهپ‘ ۽ ’جهٽ‘ هڪ

جهڙي معنيٰ رکندڙ لفظ آهي. هن لفظ ۾ 'پ' ۽ 'ٽ' جو تبادلو پڌري پٽ ظاهر آهي.

(١١) ڦ

اسان جي پياري ٻوليءَ جو يارهون اکر 'ڦ' آهي. 'ڦ' پ + ه گڏجڻ سان نهيل اکر آهي. انهي ڪري اهو اکر مرڪب يا ٻٽن اکرن ۾ پڻ شامل آهي. 'پ'، ف ۽ ٻ سان ڦ جو تبادلو ٿيو آهي.

'جائڦل' کي جافر' به چوندا آهيون. اهو 'ڦ' جي جاءِ تي ف جو پڌري پٽ آيل اکر آهي. اهڙي طرح ٻين به ڪيترن لفظن ۾ 'ڦ' ڦري 'ف' ٿيندي آهي.

لاڙ ۽ ڪڇ جا رهاڪو لفظن مان 'هه' ڪڍي پوءِ ڳالهائيندا آهن. لاڙي ۽ ڪڇي انهيءَ ڪري ڦولهڙيون ۽ ڦهڪو لفظن کي پولڙيون ۽ پهاڪو ڪري چوندا آهن. اهو "ڦ" ۽ "پ" جي هير ڦير آهي. "ڦ" کي 'ٻ' ۾ تبديل ڪيو ويو آهي 'ڦند' لفظ انهيءَ ڪري 'ٻند' ٿي ويو آهي.

(١٢) ج

'ج' اسان وٽ ٻارهون نمبر اکر آهي. هن جو تبادلو "ي"، "ڄ" "ز" ۽ "ذ" سان ٿيو آهي.

"ڄ" جو اُچار "ج" کي ويجهو آهي. انهيءَ ڪري "ج" جي جاءِ تي "ڄ" پڻ ڪم ايندي آهي، مثلا:

بجلي – وڄلي.

پرجا – پرڄا.

راجا – راڄا.
ساجن – ساڄن.
مهراج – مهراڄ.
’ڄ‘ جو اُچار ’ي‘ کي پڻ ويجهو آهي. انهيءَ ڪري انهن جو به پاڻ ۾ تبادلو ٿيو آهي، مثلاً :
اڄوڳ – ايوڳ.
ڄوڳ – يوڳ.
مسجد – مسيت.
اسان جا بزرگ ’ج‘ جي بدران، ’ز‘ ۽ ’ذ‘ پڻ اُچاريندا آهن. مثلا
جات – ذات (ج –د).
جاترا – زيارت (ج – ز).
جيرو – زيرو (ج – ز).
جونڪ – ذونق (ج – ذ)
گجر – گزر (ج–ز).
اِهو ’ج‘ سان ’ذ‘ ۽ جو تبادلو آهي

(١٣) ڄ

اسان جي الف ب جو تيرهون ’ڄ‘ اکر آهي. ’ڄ‘ جو تبادلو ’ج‘ ، ’دي‘ ، ’د‘ ۽ ’هه‘ سان ٿيوآهي.
سڄڻ – ساجن.
پرڄا – پرجا.
وڄلي – بجلي.
سڄ – سج.
راڄڪمار – راجڪمار.

هن لفظن ۾ 'ڄ' جو اکر 'ج' سان تبديل ٿيو آهي.
'ڄ' 'ج' سان تبديل ٿيندي آهي.
'وڄا' کي 'وديا' به چئبو آهي. اهو 'ڄ' ۽ 'دي' جو تبادلو آهي. 'ويڄ' کي 'ويد' به چئبو آهي، اهو 'ڄ' ۽ 'د' جي هير ڦير آهي.
اسان جا ٻروچ ڀائر جي سرائڪي ٻولي ڳالهائيندا آهن ۽ سرائڪي ٻولي سنڌيءَ جي هڪ شاخ آهي. اُهي 'ڄلڻ' چون ۽ اسين 'هلڻ' چئون، اهو 'ڄ' ۽ 'ه' جو تبادلو آهي. اهڙي طرح 'ڄ' جا ٻيا تبادلا به ٿيندا آهن. جهڙا 'ڄ' ۽ 'جهه' جا تبادلا توهان جي نظر مان گذرندا، ڇو ته اهي سڀ اکر هڪ جهڙي آواز جا حامل آهن.

(١۴) جهه

'جهه' اسان جي الفابيٽ جو چوڏهون نمبر اکر آهي. هن جو تبادلو 'ج'، 'ڏي' 'ڏ' ۽ 'س' سان ٿيو آهي.
'جهبير' لاڙ جا مشهور ملاح آهن. انهن کي 'جُبير' به چئبو آهي. اِها 'جهه' ۽ 'ج' جي هير ڦير آهي.
'سنجها' کي 'سنڌيا' به چئبو آهي. اتي 'جهه' ۽ 'ڌي' جي متاسنا ٿي آهي.
'جهه' (ج+ه) مرڪب حرف آهي. ڌ (د+ه) به مرڪب حرف آهي. 'جهه' ۽ 'ڌ' جو تبادلو ٿيو آهي اِهو گويا 'د' ۽ 'ج' جو تبادلو آهي:

اپوجهه - اپڌ
ٻوجهه - ٻڌ
رجهڻ - رڌڻ.

سوجهڻ - سوڏڻ.
منجهل - منڌل.

پر اسان ’جهہ‘ ۽ ’ڏ‘ جو تبادلو ليکيندا سون ڇو تہ ’جهہ‘ ۽ ’ڏ‘ اسان وٽ باقاعده اکر آهن.

’جهہ‘ اصل ۾ ’ج‘ ۽ ’هہ‘ جو ميڙ آهي. ”هہ“ ”س“ ۾ ڦرندي آهي. ”هنجهہ“ کي گهڻا ماڻهو جو ”هنس“ کري چوند آهن، سو بہ انهي اثر جو نتيجو آهي. انهي ۾ ”جهہ“ جي ”ج“ وڃائي باقي ”هہ“ بچائي، اُن کي ”س“ کيو ويو آهي. اهڙي طرح ”هنجهہ“ لفظ ڦري ”هنس“ ٿي پيو آهي.

(١٥) ڄ

”ڄ“ پندرهون نمبر اکر آهي. هن اکر جو گهڻو تبادلو ’ج‘ ، ’ڃ‘ ’ڻ‘ ’جهہ‘ ، ’گ‘ ۽ ’ن‘ سان ٿيو آهي.

’پڄرو‘ لفظ کي کي ’پنجرو‘ بہ کري چون. ’پڄڻ‘ لفظ کن وٽ ’پڃڻ‘ ٿي اُچاريو آهي. ’تڄ‘ کي کي ’تڻ‘ بہ چون. وڄڻُو ۽ وجهڻو هڪ ئي لفظ آهي. ماڄر لاڙ جا ملاح آهن. اُهي ’ماگر‘ بہ سڏجن. ’ڏاڄوري‘ کي ’ڏارنورو‘ بہ چئبو آهي. انهن سڀني لفظن کي نمبروار جاچبو تہ ’ڄ‘ جو ’ج‘ ’ڃ‘ ’ڻ‘ ’جهہ‘ گ ۽ ’ن‘ سان تبادلو ٿيو آهي. ’ڄ‘ خود گُهڻون (غنہ) اُچار آهي. انهيءَ کري هن جو ڻ، گ ۽ ن سان پلئہ اٽکيوآهي. ڇو تہ اهي اکر پڻ غنہ آهن. ڄ ۾ ج جو عناصر پڻ جهلڪا وجهي جرکي رهيو آهي. انهيءَ کري ڄ جو ج ۽ ڃ سان تبادلو ٿيو آهي. ج ڄ جهہ ڇ ڃ اکرن جي بڻ مان ج ئي ٺڪ جو آواز آهي.

(١٦) چ

’چ‘ ۽ ’ت‘ جو اُچار ساڳيو تہ ڪونہ آهي، پر پروارو آواز آهي. انهي پاڙيسريءَ جي اِيل ۾ ج ۽ ت جو تبادلو آهي.

’ٿ‘ جو اُچار ’ت‘ کي ويجهو آهي. انهيءَ ڪري ”چ“ ، ”ت“ تي ”ٿ“ پڻ ٿي ويو آهي. ”ت“ ۽ ”ڙ“ جو تبادلو تہ اوهان پڙهي آيا آهيو. ”چ“ جو تبادلو جڏهن ”ٿ“ وٽ پهتو، تڏهن اِها هير ڦير ”ڙ“ تائين پڻ پهتي. انگريزيءَ ۾ c جو اُچار ڪٿي آهي ”ڪ“ تہ ڪٿ آهي ’س‘ . جيئن تہ اسان جو اکر ’چ‘ انگريزي اکر CH جي برابر آهي. انهيءَ مان H (هہ) حذف ڪبو تہ باقي وڃي C بچندو. اسان انهيءَ جهڙي ڪنهن پراڻيءَ هير ڦير سبب ’چ‘ کي ’ڪ‘ ۽ ’س‘ ۾ بہ اُٿيندا آهيون. هيٺين لفظن ۾ اوهان مٿيئن ڦير گهير جا ڪجهہ مثال ڏسندا:

چمچو	—	چمٽو	(چ – ٽ)
چاليهہ	—	تاليهہ	(چ – ت)
ڳيچ	—	ڳيت	(چ – ت)
چنبو	—	پنجو	(چ – پ)
لالچ	—	لالس	(چ – س)
پچيل	—	پڪل	(چ – ڪ)
پچڻ	—	پڙڻ	(چ – ڙ)

(١٧) ڇ

’ڇ‘ سترهون نمبر اکر آهي. اِهو اکر مرڪب آهي. ’چ‘ ۽ ’هہ‘ گڏجڻ سان ٺهيو آهي. هن جو تبادلو ’ٿ‘- ’ٺ‘ ’پ‘

'س' 'ڪ' ۽ 'ڙ' سان ٿيندو آهي.

هنن لفظن ۾ 'ڇ' تي توجه ڏيو ۽ ڏسو تہ انهيءَ جو ڪنهن سان تبادلو ٿئي ٿو:

(١) ڇيڙڻ – چيڙڻ.
(٢) ڇيهل – چيئل (هرڻ).
(٣) ڇلڙ – ڪلڙ.
(٤) ڇايا – سايو.
(٥) ڇو(لاسي) – ٿو.
(٦) ڇن(لاسي) – ٿين.
(٧) ڇو – ڪوھ.
(٨) اوڇي – اوڳي.
(٩) پاڇي – باچي.
(١٠) پاڇائون – باڇائون.

اوهان مٿين لفظن کي اگر غور سان ڏٺو هوندو تہ 'ڇ' جي جاءِ تي اوهان کي نمبر وار هيٺيان اکر ڦير گهير جي نار ۾ ڦرندي نظر آيا هوندا ۽ (١۽٢) چ (٣) ڪ (۴) س (۵) ٿ. حيران نہ ٿيو. 'ڇ' جي جاءِ تي لس ٻيلي وارا سنڌي 'ٿ' ڪم آڻيندا آهن. اسين چئون منهنجو پٽ پنجن سالن جو ٿيو آهي. لاسي چوندا مون جو پٽ پنجن سالن جو ٿو آهي. (٦) ٿ (٧) ڪ (٨) ڳ (٩)چ (١٠)ڇ.

'ڇ' مرڪب حرف آهي. 'ڇ' ۾ 'چ+ھ' مليل آهي. 'ڇ' اسان جي الف –ب جو سترهون اکر آهي. 'ڇ' جي ڦير گهير جو خاڪو مٿي ڏنو اٿم.

ح (١٨)

ڪوبہ سنڌي خواندو ”ح“ جو اُچار درست نہ ڪندو آهي. ”ح“ جي جاءِ تي ”ھ“ کي ياد ڪيو ويندو آهي. تنهن ڪري انهيءَ اکر وارا هڙموڙي اکر اسان ”ھ“ سان تبديل ڪري اُچاريندا آهيون. ’حقو‘، ’حور‘ وغيره جهڙا تہ لفظ روز استعمال ڪندي اسان ’هُڪو‘ ۽ ’هُور‘ ڪري اُچاريندا آهيون. هونئن اسان لکندا ’ح‘ آهيون پر پڙهندا ’ھ‘ آهيون. ’ح‘ الف – بي جو ١٨ اکر آهي. هن جي هيٺ ڦير ’ھ‘ جي ڦير گهير جهڙي آهي.

خ (١٩)

’خ‘ سنڌي الف – ب جو اوڻيهون اکر آهي. هي اکر پڻ اسان گهڻو ڪري درست نہ اُچاريندا آهيون. خيرمحمد، خيرات ۽ خليل کي گهڻو ڪري ’کير محمد‘، ’کيرات‘ ۽ ’ڪليل‘ کي گهڻو ڪري ياد ڪندا آهيون. ڪي عربي دان انهيءَ اکر کي مخرج سان ڳالهائيندا آهن. پر ڪڏهن ڪڏهن هو بہ ’خ‘ کي ’ک‘ اُچاري ويهندا آهن. جيتوڻيڪ اسان ’خ‘ درست نہ اُچاريندا آهيون پر انهيءَ مان اهو مفاد حاصل ٿئي ٿو، جو درست تلفظ جي ڄاڻ سڄاڻ جلد ٿيو وڃي. جي اسان جا بزرگ پنهنجي الف – ب ۾ ”خ“ کي شامل نہ ڪن ها تہ ڪر ڏاڍي ڳڙ ٻڙ ٿئي ها ۽ گهڻا عربي تلفظ درست لکي ۽ سڄاڻي ڪونہ سگهون ها، انهيءَ ڪري اهو اکر اسان وٽ هجڻ بنه ضروري آهي.

د (٢٠)

”د“ ٢٠ نمبر اکر آهي. هن جو تبادلو ”ت“ ”ٺ“ ”ڏ“

۽ "ڏ" سان ٿيو آهي.

"د" سان "ت" جو تبادلو گهڻو مشهور آهي. مثال طور:

أنت	اند
آد	ات
جسد	جست
هيڪاندو	ايڪانت

اهو سڀ "ت" جو تبادلو آهي. ٻين ٻولين ۾ به "د"، "ت" سان تبديل ٿيندو آهي. "ت" ۾ "ھ" گڏبو ته "ٿ" جو ڍانچو نهندو. "گودڙي" انهيءَ ڪري ڦري "گوٿريءَ" ٿيو آهي.

"د" ڦري ڪٿي "ڏ" پڻ ٿيو آهي. "بند"، "ميندي"، 'ندان' ۽ 'داٿو'، انهيءَ سبب 'ٻنڌ' 'مينڌي،' 'نڌان' ۽ 'ڌاٿو' ڪري اُچاريا ويا. ڪٿي ڪٿي 'د' 'ڏ' ۾ ڦريو آهي: مثلاً،

داٻلو	—	ڏاٻر.
دوهو	—	ڏوهيڙو.
دامن	—	ڏاوڻ.
دُور	—	ڏُور.
دوش	—	ڏوھ.
دڪ	—	ڏڪ(وغيره)

ڌ (٢١)

"ڌ" د+ھ گڏجڻ سان نهيو آهي. مرڪب يا ٻٽو حرف آهي. هن اکر جي "د"، "جھ"، "ٺ" ۽ "ٿ" سان ڦيرگهير ٿي آهي:

"ڊ" سان هير ڦير:

ڏان داڻو.

نڏان نڊان.

بنڌ بند.

ٻڌڻ بندڻ.

ڊاٽا ڏاٽا.

"جهہ" سان تبادلو:

سنڌيا سنجها.

رڌڻ رجهڻ.

اٻڌ اٻوجهہ.

منڌل منجهل.

سوڌڻ سُوجهڻ.

"ٿ" سان تبادلو:

ڪنڌي ڪنٿي.

ڪنڌو ڪنو.

ٽ' سان تبادلو:

اونڌو اُماٽو.

"ڏ" اسان جي ٻوليءَ جي آئيويتا جو ٢١ نمبر اکر آهي.

(٢٢) ڏ

اسان جي الف - بيٖ جو 'ڏ' ٻاويهون اکر آهي. هن جو تبادلو هيٺيئن ريت ٿيو آهي.

ڏوهيڙو — دوهو (ڏ-د)

ڏاوڻ — دامن (ڏ-د)

ڏُور — دور (ڏ-د)

ڏک	–	دک	(ڏ–د)
ڏهڙو	–	دُهرو	(ڏ–د)
ڏيهہ	–	ديس	(ڏ–د)
ڏياري	–	ديوالي	(ڏ–د)
ڏر	–	ڊر	(ڏ–ڊ)
ڏر	–	ڊپ	(ڏ–ڊ)
ڪيڏڻ	–	ڪيلڻ	(ڏ – ل)
ڏسڻ	–	پسڻ	(ڏ – پ)
پُٺاڏ	–	پُٺ	(ڏ – ٺ)

ميٺٺن خاڪي ڪي ڏيان سان ڏسبو تہ، 'ڏ' سان 'د'، 'ڊ' 'ل'، 'پ' 'ٺ' جو تبادلو نشانبر ٿي بيهندو.

اوهان ڪي اکر 'ڏ' جي تبادلي جا ڪي لفظ هٿ ڄڙهن تہ پنهنجي پائرن ۾ پارن ڪي واقف ڪريو. ڪوشش ڪريو اوهان ڪي ضرور ڪي نہ ڪي نوان لفظ ملي ويندا.

(٢٣) ڊ

'ڊ' جي پنيان ڪي ڪي دوست 'ر' اُچاريندا آهن. ۽ ڪي 'ڊ' ڪي 'ڊر' 'تر' ۾ 'ڏ' بہ تبديل ڪندا آهن. 'ڊر' ڪي ڪي 'ڏر' چون. اِهو 'ڊ' تي 'ڏ' جو اثر آهي. 'منڊ' ڪي ڪي 'منتر' بہ چون. اِهو 'ڊ' جي بدران 'تر' جو تبادلو آهي. ڪي 'چنڊ' ڪي 'چندر' ڪري ياد ڪن اِهو 'ڊ' ۾ 'در' جو تبادلو آهي. 'ڊ' اسان جي الف- بي جو ٢٣ اکر آهي. هن اکر جي ڦير گهير جو مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي. جن جي مادري زبان سنڌي نہ آهي، اُهي گهڻو ڪري 'ڏ' ڪي 'ڊ' سان تبديل ڪندا آهن.

(٢٤) ڊ

’ساڻيڻ‘، ”ڊارڻ‘ ۽ ’ڊولڪ‘ ڪي ڪي ماٺهو ’سانيڻ‘ ’ڏارڻ‘ ۽ ’دهلڪڙي‘ پڻ ڪري چوندا آهن. اهو ’ڊ‘ سان ب، د ۽ ده جو تبادلو آهي.

’ڊ‘ سنڌي الف – ب جو ٢٤ اکر آهي. گڏبو اکر پڻ سڏبو آهي، چو ته ’د‘ ۽ ’ه‘ جي گڏجڻ سان ٺهيو آهي.

(٢٥) ذ

’ذ‘ جو صحيح اُچار پڙهيل توڙي اڻ پڙهيل ٻئي نه ڪري سگهندا آهن. ’ذ‘ جي جاءِ تي گهڻو ڪري ’ز‘ اُچاريو ويندو آهي. ڪي ڪي ته ڪڇين وانگر ’ذ‘ جي متبادل ’ج‘ ڪم آڻيندا آهن. ذات، ذوق، ذرو لفظ انهيءَ ڪري ’جات‘ ’جونڪ‘ ۽ ’جرو‘ ڪري ياد ڪندا آهن.

(٢٦) ر

’ر‘ جو وڏو تبادلو ’ل‘ سان ٿيو آهي. ’ڙ‘ ۽ ’ٽ‘ پڻ انهيءَ ڦير گهير ۾ آيا آهن.

اوهان ڪي ’ل‘ جو ذڪر پڙهندي ’ر‘ جو تبادلو تمام گهڻو نظر ايندو، انهيءَ جي خلاف ’ل‘ جو تبادلو ’ر‘ سان پڻ ٿيو آهي.

مثلاً ’ل‘ وارا لفظ آرس، ٻر، جر، سوير وغيره. ’ل‘ ۾ تبديل ٿيل: آلس، ٻل، جل، سويل وغيره.

ڪي لفظ جي پاڻ سان ’ر‘ رکندا آهن. اُهي ’ڙ‘ ۾ ياد ڪيا آهن. گهڻو ڪري اسان جا هندو ڀائر ’ر‘ ڪي ’ڙ‘ ڪري

اُچارين.اسين ڇٺون 'ڪپڙو' ۽ هوَ ڇون 'ڪپرو' اِهو 'ر' ۽ 'ڙ' جي هير ڦير آهي.

مَترَ جي لار ڪي ڪي متر جي لاٽ به آکين. اِهو 'ر' ۽ 'ٽ' جو ڦيرو گهيرو آهي. اسان جي الف – ب موجب "ر" چوِيهون اکر آهي. انهيءَ جو تبادلو "ل" ۽ "ڙ" سان ٿيندو آهي.

هڪ ڳالهه وسارڻ نه گهرجي ته ڪٿي ڪٿي "ر" کي ڪٽيو پڻ ويندو آهي. ڪي چون "چندر" ته ڪي چون "چند"، ڪي چون "پتر" ته ڪي فرمائين "پٽ"، ڪي آکين "پريم" ته ڪي چون "پيم"، ڪي لکن سکايو ته ڪي لکن "سکاريو" اهڙي طرح گهڻا ماڻهو "ر" کي حذف پڻ ڪندا آهن.

(٢٧) ڙ

'ڙ' جي آواز جو اوهان کي مزو ڏسڻو هجي ته ڪنهن واڻئين جي واتان ٻڌو. واڻيون "ڙ" کي "ر" ڪري اُچاربندو. اِهو اُچارڻ ڏاڍو مزيدار هوندو آهي. اوهان ڪنهن واڻئين کي چئو ته، ميان آک "ڪپڙي جو ٿهيل ڪُڪڙ." ته هو ارشاد فرمائيندو "ڪپري جو ٿهيل ڪُڪرُ." اسان جا واڻيان دوست جي سڀ هندستان ۾ پکڙيا پيا آهن، سي "ڙ" کي "ر" ڪري ياد ڪندا آهن ۽ مزو ته هي آهي ته هو وري "ر" کي "ڙ" ڪري اُچاريندا آهن. اِها "ر" کي "ڙ" ڪرڻ جي عادت پٺين يا واڻين ۾ "موهن جي دڙي" کان وٺي هلي اچي. "پٽڙو" کي هو اُن وقت به "پٽرو" چوندا هئا. هاڻ اوهان کي ڪجهه مزي جهڙي ٻيءَ هير ڦير جو به قصو ٻڌايان ٿو.

"ڙ" ۽ "ڻ" جا آواز پاڻ ۾ پاڙيسري آهن. انهيءَ ڪري

ماڙهو ۽ ساڙيهہ کي کي چون "ماڻهو" ۽ "ساڻيهہ."

'ڙ' جو تبادلو 'ڻ' سان جڳ مشهور آهي. انهيءَ کري کي, ماڻهو سنڌ جي ڏاکڻين حصي 'لاڙ' کي 'لاڻ' بہ کريو چوندا هئا. 'ر' جي ذکر ۾ 'لار' ۽ 'لاڻ' جو ذکر اوهان نظر سان کڏيو هوندو. ٻوڙو، مروڙڻ، ڦاڙڻ، کڙم، کڙهڻ، لانيڙ لفظ تہ اوهان ٻڌا هوندا. انهن جي پاران اسان 'ٻوڻو' 'مروڻڻ' 'ڦاڻڻ' 'کڻنب' 'ڪهڪڻ' ۽ 'لانيڻ' الفاظ کم آڻيندا آهيون.

'ر' جو 'ڻ' سان تبادلو ٿيو آهي. انهيءَ وقت 'ڙ' جو 'ڻ' سان بہ کجهہ تصادم ٿيو آهي. هر کنهن ڳالهہ جي تصديق لاءِ کونکو شاهد هئڻ گهرجي. انهيءَ تبادلي لاءِ 'کوڙو' لفظ شاهد آهي. جنهن کي 'جوڻو' بہ چوندا آهيون. اهو 'ڙ' ۽ 'ڻ' جي هير ڦير آهي.

'مَڙڻ' کي 'ملڻ' بہ کري چئون. 'آڏيڙو' کي 'آڏيلو' ۽ اڙ کي 'ال' بہ کري ياد کريون. 'ل' سان 'ڙ' جو اِهو پڌرو تبادلو آهي.

کٿي 'رڙ' کي 'ريهہ' سڏين. اهو چٽکر 'ڙ' ۽ 'هہ' جو سودو ٿا کن. 'ناڙ' (نبض) کي نس بہ چئون. "ڙ" ۽ "هہ" جو تبادلو انهيءَ لفظ مان پڌرو ٿو ٿئي.

اهڙي طرح "ڙ" جو 'س' 'هہ' 'ڻ' 'ڻ' 'ر' ۽ 'ل' سان تبادلو ٿيندو آهي. 'ڙ' سنڌي الف ب جو ٢٧ نمبر اکر آهي.

(٢٨) ز

'ز' جو آواز اسان اٿين ٿا سمجهون تہ عربن اسان کي

ڏنو، پر ائين نہ آهي. 'ز' جو آواز اسان وٽ اڳي ئي موجود هو. عربي واهپي سان ڪولهڪي ٻوليءَ جو ڪوبہ واسطو نہ آهي، پر اوهان اگر انهن جي ٻولي ٻڌندا تہ هو توهان کي 'ز' جو آواز ٻڌائيندا. ڪولهڪيءَ کان سنڌي ٻولي وڌيڪ شاهوڪار آهي، انهيءَ ۾ 'ز' جو هئڻ ضروري آهي. 'ز' سان 'س' جو تبادلو سنڌيءَ کان سواءِ ٻين ٻولين ۾ بہ ملي ٿو. مگر سنڌي جو سنڌيءَ سان 'ز' ، 'س' جو تبادلو نظر نہ آيو اٿم، البت سنڌي ٻوليءَ جو ٻين ٻولين سان 'ز' ، 'س' جو تبادلو نظر مان گذريو اٿم. 'ز' کي اسان گهڻو ڪري 'ڙ' وانگر 'ٽ' ۾ ڦيرائيندا آهيون. 'ن' اکر انهيءَ ڪري 'نٽ' ٿي ويو آهي. ان کان سواءِ 'ز' جو 'ج' سان پڻ تبادلو ٿيو آهي. مثلاً ازگر= اجگر

زيارت = جاترا،

زانو = جانو،

زور = جور، وغيره.

(٢٩) س

اوهان کي جي هڪ رپيو ڏجي ۽ چئجي تہ انهيءَ کي پئسن ۾ مٽارائي اچو تہ اوهان سوَ پئسا وٺي پوءِ ڪر رپئي تان هٿ کڻو. ڇو تہ رپيو يا سوَ پئسا هڪ جيترو ملهہ رکن ٿا. اهڙي طرح کي رڳا پئسا ڪونہ مٽبا آهن پر ڪيترئون ٻيون وٿون آهن، جي هڪ ٻئي ۾ تبديل ٿينديون آهن آءٌ هتي توهان کي آوازن جي تبديل جي ڳالهہ ٻڌايان ٿو:

منهنجيءَ هن ڳالهہ ٻڌڻ مان اوهان کي هڪ فائدو بہ پهچندو، اُهو هي تہ، اوهان جڏهن سنڌي ڪوبہ ڏکيو ڪتاب

پڙهندا ۽ منهنجي هن ڳالهہ کي ڌيان ۾ رکندا تہ اکرن جي تبديلي يا متاستا جي ڳالهہ کي ڌيان ۾ رکي، اوهان ڪيترا ڏکيا لفظ يڪدم آسانيءَ سان سمجهي ويندا ۽ انهن لفظن جي معنيٰ ٻڌائڻ يا لکڻ ۾ دير نہ ڪندو.

اوهان 'س' اکر تہ پڙهيو هوندو. اِهو اکر سنڌي الف ب ۾ ٢٩ نمبر اکر آهي.

اهو اکر "س"، "هہ" سان تبديل ٿيندو آهي. ڦاسي جي تہ اوهان کي معنيٰ اچي ٿي نہ. ڪو گناهہ ڪندو آهي تہ، اُن کي ڪنڌ ۾ رسو وجهي، پوءِ هيٺان تختو ڪڍي ڇڏبو اٿس تہ، اُهو ڏوهاري اُن رسي جي سرڪڻ ساهيءَ جي ڪري گهٽجي مري ويندو آهي. اوهان کي 'ڦاسي' جي معنيٰ لکڻي هجي تہ، پوءِ هيڏو وڏو جملو مٿان لکو، رڳو 'ڦاسي' جي 'س' بدلائي 'هہ' ڪجو تہ معنيٰ نڪري ايندي. پلا اوهان جي خيال ۾ انهيءَ لفظ جي معنيٰ ڇا نڪتي. سمجهہ ۾ اچي وئي نہ. ها، اوهان صحيح سمجهيو آهي 'ڦاسي' لفظ جي معنيٰ 'ڦاهي'. 'س'، 'هہ' جي تبادلي جي ڪري ڪوبہ غلط نہ ليکيندو.

جهڙي طرح 'س' بدلجي 'هہ' ٿي ٿئي، اهڙي طرح 'هہ' بدلجي وري 'س' ٿي ٿئي. بلڪل ائين جيئن رپيو بدلجي سوُ پئسا ٿو ٿئي ۽ سوُ پئسا بدلجي رپيو ٿو ٿئي.

اوهان 'هڪ' لفظ ٻڌو آهي نہ. هڪ انگ تہ آهي پر هِت منهنجو اهو مطلب نہ آهي. منهنجو مطلب اجا بہ ٻيو آهي. هَي ڏکيو لفظ آهي. هڪ شعر جي ڪلي آهي تہ:

'مونکي هڪ حبيب جي، هينئين منجهہ هُري.'

مُنجهو نہ ڪَٿي هيئن ڪريو جو 'هہ' کي ڪٽي 'س'

سان ڦيرايو. ٿي نه، ’هڪ‘ مان ’سڪ‘. هڪ جي معنيٰ ’سڪ‘ آهي. هاڻ توهان اهو ڪلام آسانيءَ سان سمجهي سگهندا هوندا. اهي مون اوهان کي به مثال ڏنا آهن. هاڻ اوهان جو ڪم آهي ته، اهڙا لفظ جي ’س‘ مان ’هه‘ ٿين ٿا يا ’هه‘ مان ’س‘ ٿين ٿا، اهي چونڊي پنهنجي نوٽبوڪ تي لکو يا اخبار کي موڪليو ته اوهان سان گڏ ٻيا پائر به واقف ٿين ۽ اهي پڻ ڏکين لفظن کي انهن اکرن جي ڦيرين گهيرين هيٺ آڻي معنيٰ جلد ۾ ڪڍي سگهن.

آءٌ هت ڪجهه مثال پيش ڪريان ٿو. انهيءَ ۾ جاچيندا ته ’س‘ جتي آهي، اُتي معنيٰ واري لفظ ۾ ڦري ’هه‘ ٿي آهي.

’س‘	’هه‘
ڦاسي	ڦاهي.
ديس	ڏيهه.
ڏوس	ڏوهه.
سنڌ	هند.
ساڪ	هاڪ.
ڪسڻ	ڪهڻ.
ٻُس	ٻُهه.
چوسڻ	چوهڻ.
سڪ	هڪ.
وَس	وَهه.
ڪيسر	ڪيهر.

(٣٠) ش

'ش' ٽيهون نمبر اکر آهي. سنڌي مالها ۾ ڦرندي اُهو اکر ڪڏهن 'ڇ' ۽ 'س' جو روپ به وٺي بيهندو آهي:

شرير = سرير. (س).
شيوا = سيوا. (س).
شينهن = سينهن. (س).
شانتي = سانتي. (س).
شطرنج = ڇترنج. (ڇترنگ) (ڇ).

'ش' کي 'س' گهٽو ڪري اسان جا هندو ڀائر ڪندا آهن ۽ ڀهراڙيءَ وارا به 'ش' 'س' ڪري ياد فرمائيندا آهن. لوهه جي 'شيخ' کي گهٽا ساڱيا واڱيا ماڻهو 'سيخ' ڪري اُچاريندا آهن.

(٣١) ص

عربي اثر قبول ڪرڻ کان پوءِ اسان جي بزرگن 'ص' کي لکيت ۾ قبول ڪيو. اڄ به اسان 'ص' کي لکندا ته آهيون، پر انهيءَ جو صحيح اُچار نه ڪري سگهندا آهيون. اِهو عربيءَ جو حرف اسان جي سنڌي ٻوليءَ جو ٣١ نمبر اکر آهي. اسلام کان اڳ سنڌين سان عربن جو وڏو تعلق هو. اسان جي مُلڪ جو 'ڇندن' عربن وٽ 'صندل' ٿي ويو. اهو 'ص' ۽ 'ڇ' جو تبادلو سنڌي ۽ عربي جي وچ ۾ ٿيو. انهيءَ تبادلي کان پوءِ عربن ۽ سنڌين جا پاڻ ۾ گهاٽا تعلقات ٿيا ۽ سنڌ باب الاسلام بڻي. انهيءَ ڪري سنڌي ٻوليءَ پنهنجو سڀ پراڻو ورثو وساري، اسلامي تهذيب، ثقافت ۽ تاريخ واري ورثي کي

پنهنجو ڪيو. انهيءَ ورثي سبب عرب جو ’ص‘ اکر اسان پنهنجو ڪيو. هونئن انهيءَ اکر سان اسان جو ڪو خاص تعلق نه آهي.

(٣٢) ض

’ڏيو‘ جو جمع ’ڏيا‘ آهي. عربيءَ ۾ روشنيءَ کي ’ضيا‘ ڪري چئبو آهي. ’ڏيئي‘ يا ’شمع‘ جي ضياء يا روشني رات جو گهرن کي اونداهيءَ کان بچائيندي آهي. ’ڏيا‘ کي عربيءَ ۾ ’ضيا‘ چئبو آهي. اِهو ’ڏ‘ ۽ ’ض‘ جو تبادلو ليکجي ته ليکي سگهجي ٿو. هونئن اسان ”ض“ کي ”ز“، ”ذ“ وانگر ”ج“ سان تبديل ڪندا هئاسون. هينئر اهو عيب منجهينئون نه آهي. خود ”ض“ پڻ عربيءَ ٻولي جو اکر آهي. اسان جي الف ب ۾ ٣٢ نمبر آهي، سندس آواز ’ڏ‘ جي ڊيل آواز کي ويجهو آهي.

(٣٣) ط

”ط“ اسان جي ”الف-ب“ جو ٣٣ اکر آهي. هي اکر ترين جي اثر سبب اسان پاڻ وٽ قبول ڪيو. هن جو صحيح آواز اسان نه ڪري سگهندا آهيون. ”ط“ جي جاءِ تي ”ت“ کي ياد ڪندا آهيون. ”طالب“، ”طلب“، ”طوطو“ لکندا ”ط“ سان آهيون، پر پڙهندا ”ت“جهڙي آواز سان آهيون. ”طوطي“ کي ”چتون“ پڻ ڪري ياد ڪندا آهيون. اِهو چٽڪر ”ص“ وانگر ”ط“ جو بہ ”چ“ سان پيا تبادلو ڪريون. بهرصورت اِهو گورک ڌنڌو آهي. ”ط“، ”چ“ سان چو پئي

تبديل ٿئي، انهيءَ ڳالهہ ڪي هتي ڪونہ ٿا ڇيڙيون. موقعو مليو تہ اها ڳالهہ کولي ٻڌائبي ۽ اوهان جا شڪ دُور ڪبا. هينئر توهان کي اوسيئڙي ۾ ئي ڇڏيو ٿو ڏيان تہ اوهان ۾ جستجو جي عادت وڌي ۽ ٿي سگهي ٿو تہ اِهو ڦيرو مون کان اڳ اوهان ئي ڦولهي وٺو.

ظ (۳۴)

گهڻا ماڻهو "ظلم" کي 'جلم' ڪري ڇون. 'ظاهر' کي 'جاهر' ڪري اُچارين. اهڙي هير ڪڇين کي بنهہ گهٽي آهي، لاڙي ۽ لاسي پڻ انهيءَ گت ۾ ڪڇين سان ٻانهن ٻيلي آهن. وچولي،اُتر ۽ ٻين پاسن وارا 'ظ' صحيح نہ اُچاريندا آهن تہ بہ 'ز' يا 'ذ' جي ويجهو اُچاريندا آهن. 'ج' ڏانهن 'ظ' کي گهلي نہ ويندا آهن. اسان جي الف-ب ۾ 'ظ' ۳۴ نمبر اکر آهي. هن جو تبادلو اسان جا ويڙهيچا 'ج' سان ڪندا آهن ۽ نہ تہ بہ ٻين سنڌين وانگر 'ظ' کي درست اُچاري نہ سگهندا آهن ۽ انهيءَ جي جاءِ تي 'ز' اُچاريندا آهن: اهڙي طرح مڙيئي پيو ڳاڏو گسڪي.

ع (۳۵)

'الف-ب' ۾ 'ع' ۳۵ نمبر اکر آهي. 'ع' جي بدران اسان گهڻو ڪري 'الف' ۽ 'ء' اُچاريندا آهيون. 'ع' کي عربي عالم ۽ مولوي صاحب مخرج سان ڳالهائڻ جو سعيو ڪندا آهن. باقي جهڙي تهڙي جي اُچارڻ کان 'ع' بنهہ گهٽو پري آهي. 'ع' عربي جو اکر آهي، اسان سهل پسندن لاءِ اهو

اکر ڳالهائڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. اسان لکندا 'ع' آهيون مثلاً عارب، اسماعيل ۽ رب العالمين پر اُچارڻ مهل 'ع' کي ڇڏي 'الف' ياد کندا آهيون ۽ چوندا آهيون: آرب، اسمائيل ۽ رب ال آلمين. اهڙي طرح اسان 'ع' کي 'الف' ، 'مد' ۽ 'ء' سان تبديل کندا آهيون.

(٣٦) غ

سنڌي مالها ۾ جتي پنهنجا سهڻا سلوڻا سنڌ جا مڻيا پيا ڀهڪن، اُتي عرب جي خاڪ جا پٿر به پيا اکيون روشن کن. 'غ' عرب جو گوهر آهي. جيکو سنڌي الف-ب جي ٥٢ داڻن مان هڪ مشهور داڻو آهي.

اسان 'غ' جو اُچار درست کري نه سگهندا آهيون. اُن جي جاءِ تي 'گ' جي مجرا ڏيندا آهيون. 'غلام علي' کي انهيءَ کري 'گلام علي' کري ياد کندا آهيون. 'غ' جو اُچار ته غلط کندا آهيون، پر لفظن جي صحيح سڃاڻپ لاءِ 'غ' جو هجڻ تمام ضروري آهي، نه ته کيترا عربي الفاظ سڃاڻي ئي کون سگهبا.

(٣٧) ف

"آفَت" کي آپدا، ۽ کافور کي کپور کري ياد کريون. اهو "پ" ۽ "ف" جو تبادلو آهي.

"ف" سنڌي ٻاون اکريءَ جو سنتيهون پنهنجو نج داڻو آهي. "ف" جي تبادلي ۾ اکرن سستيءَ کان کم ورتو آهي. "ف" جو "پ" کان سواءِ ٻيو کنهن اکر سان تبادل نظر کو

نہ آيو اٿم. اگر اوهان کي ڪا اهڙي ڪل هجي تہ ڪرم ڪري واقف ڪجوم.

(٣٨) ق

اسان جي ٻاون اکريءَ ۾ 'ق' انتيهون موتي آهي. عرب جي منڙي مُلڪ جي يادگيري ڏياريندڙ حرف آهي. 'ق' اسان درست نہ ڳالهائي سگهندا آهيون. اُن جي جاءِ تي 'ڪ' اُچاريندا آهيون. 'گ' ۽ 'ٻ' سان پڻ 'ق' جو تبادلو ڪندا آهيون. 'ڳالهہ' ۽ 'قال' 'ٻول' ۽ 'قول' مان اهو پتو پوي ٿو تہ، 'ق' سان 'گ' ۽ 'ٻ' جو تبادلو ٿي سگهي ٿو. اِهو جڻ ڪر عربيءَ ۽ سنڌيءَ جو پاڻ ۾ تبادلو ٿيو. اُهُ ٻي صحبت ۾ عربي ۽ سنڌيءَ جي آوازن جي هير ڦير جي ذڪر ۾ انهيءَ موضوع تي وڌيڪ روشني وجهندس.

(٣٩) ڪ

سنڌي ٻوليءَ جي ڪهڪشان جو ٣٩تارو آهي.اهو سدا ٻهڪندڙ تارو ڪڏهن ڪڏهن پنهنجيءَ بادشاهيءَ ۾ ڇ گ ڳ کي سير ڪرڻ جي موڪل ڏيندو آهي ۽ اهي ستارا "ڪ" جي سرزمين تي اچي رهندا ۽ گهمندا آهن ۽ تارڙا ڪڏهن 'ڪ' کي دعوت ڏئي پاڻ وٽ مهمان ڪري وٺي ايندا آهن. 'ڪ' ڏاڍو پُورالو' تارو آهي. ڪڏهن پنهنجي بادشاهي ۾ سير ڪندو آهي، ڪڏهن ٻين جي بادشاهي ۾ شيل پيو ڪندو آهي ۽ ڪڏهن آيس جو ريچڪ نہ وچئين غائب ٿي ويندو آهي. ڳولهي

ڳولهي ٻيهي رهو ته به هن عيد جي چنڊ کي لهي نه سگهندا. اهڙي رنگيلي جوان جي هلت چلت ڏسڻ لاءِ اوهان هيٺيون خاڪو نظر مان ڪڍو ته "ڪ" جي چرپر جي سڄي سماچار اوهان کي پئجي ويندي:

کهڻ	–	چوڻ	(ڪ - چ)
ڊرڪڻ	–	ڊرڻ	(ڪ ---)
کهاٽي	–	آڪاٽي	(ڪ-ک)
ڪامڙيو	–	ڪامڙيو	(ڪ-ک)
ڪُوڙو	–	ڪوڙو	(ڪ-ک)
ڪوبري	–	ڪوبري	(ڪ-ک)
ڪوپرو	–	ڪوپرو	(ڪ-ک)
ڪوٽري	–	ڳوٽري	(ڪ-ڳ)

هن خاڪي کي ڏسڻ کان پوءِ اُميد ته اوهان کي "ڪ" جي تبادلي جي سڌ پئجي ويئي هوندي. مٿيون خاڪو ڏسو. انهيءَ ۾ جاچيندا ته اوهان کي "ڪ" جو "چ" "ک" ۽ "ڳ" سان تبادلو نظر ايندو ۽ ڪٿي ڪٿي "ڪ" ڪٽيل به نظر ايندو. جيئن پهرين ٻڌايو هوم.

(٤٠) ک

"ڪ" جي ڪيڙ مان "ک" پڻ هڪ آهي. "ک" نهيو ئي "ڪ" ۽ "هه" ملڻ سان آهي. "ڪ" بنيادي اکر آهي ۽ ک، ڳ، ڳ ۽ گهه انهيءَ جا پڙاڏا آهن. بنيادي اکر ڪهڙا آهن انهيءَ جو ذڪر مون پنهنجي ڪتاب "سنڌي ۽ سنسڪرت" جلد پئي ۾ وضاحت سان ڪيو آهي. "ک" ٤٠ نمبر اکر آهي.

انهيءَ جو تبادلو ڪ، کهه، ج، ڄ ۽ ه سان ٿيو آهي. ”ک“ آهي ئي ’ڪ‘ ۽ ’هه‘ جي ملاوت جو نتيجو. اسان جي ڪن دوستن ”هه“ ڪڏي باقي ”ڪ“ کي بچائي ڳالهايو آهي. مثلا:

کوپري - ڪوپري (ک-ڪ).
کامٽيو - ڪامٽيو (ک- ڪ).
کوٽو - ڪوڙو (ک-ڪ).

انهي جي خلاف ڪٿي وري ”ڪ“ وجائي ”هه“ کي اُچاريو ويو آهي. ڪلڻ(کهلڻ) کي ”هسڻ“ انهيءَ سبب ڪيو ويو آهي.

ڪٿي تہ مرڳو ”ک“ (کهه) جي اصلي حالت، ٻٽي يا گڏي ساري ٻنهين کي صحيح حالت ۾ اُچاريو ويو آهي. ”آکاٹي“ (آ کهاٹي) لفظ کي انهيءَ سبب ”کهاٹي“ ڪري ياد ڪيو ويو آهي ۽ آکڻ کي ”کهڻ“ بہ انهيءَ اصول تحت بنايو ويو آهي.

ڪٿي ڪٿي ”ڪ“ کي ”چ“ بہ چڪيو آهي. ”آکڻ“ انهيءَ ڪري ”چوڻ“ ٿيو آهي. ڪن الله جي بندن ”چ“ جي تبادلي ڪرڻ کان پوءِ ”هه“ جي واڌاري سان ”ڇ“ کي بہ ياد ڪيو آهي. ”کل“ لفظ انهيءَ ڪري ”ڇل“ ٿيو آهي.

(٤١) گ

”ڪ“ جي راڄڌاني جا مکيہ فرد گ، ق، س ۽ ڪ آهن. ”گ“ سنڌي ٻوليءَ جي قلعن مان ٤١ نمبر قلعو آهي. پنهنجي وڏي بزرگ ”ڪ“ وانگر ”گ“ پڻ ڪڏهن پنهنجيءَ راڄڌاني مان غائب ٿي ويندو آهي ۽ دوستن کي بہ منهن نہ ڏيکاريندو آهي. انهيءَ حالت ۾ سنڌس رعيت ڏاڍي ٻوڪي پئي لڳندي

آهي. ”ڪانگ“ لفظ تہ اوهان ٻڌو هوندو. ”گ“ انهيءَ اڪر جي پڇاڙيءَ ۾ رهيو پيو آهي، پر اهو ”گ“ ڪڏهن اتان ٽپي هٽي پڇي ويندو آهي ۽ انهيءَ جي جاءِ تي ”ء“ اڻ لکو اڀري ايندو آهي. ”گ“ جي جاءِ تي سير تفريح لاءِ سندس پاڙيسري اکر ”ڳ“ پڻ ڪڏهن ڪڏهن ايندو آهي:

آگ - آڳ (گ - ڳ)
اوگڻ - او ڳڻ (گ - ڳ)
گڻ - ڳڻ (گ - ڳ)
گيت - ڳيچ (گ - ڳ)

ڪڏهن ”گ“ تان ”ڪ“ بہ ڦيرو ڪندوآهي،لفظ ”ڪ“ ۾ ليکي ”گ“ جو ويجهو عزيز آهي. ”ونگ“ ”وڪڙ“ انهيءَ سبب ٿيندو آهي.

”گل“ ڪي ”ڦل“ پڻ چوندا آهيون. اهو ”گ،“ ”ڦ“ جو تبادلو آهي.

(۴۲) ڳ

اسان جي الف ب جو ’ڳ‘ ۴۲ نبر ڳل آهي. هي ’ڪ‘ ۽ ’گ‘ وٽ ڪڏهن ڪڏهن سير تفريح لاءِ ويندو آهي ، هونئن گهڻو سير وتفريح جو شوقين نہ آهي. ”ڪ“ سندس وڏو بزرگ آهي ۽ گ ڏاڏو اٿس، انهن وٽ ويندو آهي تڏهن ڏاڍو نياز سان هلندو آهي، ايتري قدر جو پنهنجي هستي انهن ۾ وڃائي ڇڏيندو آهي. هونئن تہ پاڻ چوندو آهي تہ ڳ، ڳڻ، اوڳڻ ڳيت ۽ ڳنون لفظ ڳ سان ڳالهايو پر جڏهن ”گ“ جي ياد ايندي اٿس تڏهن چوندو آهي تہ مون کي وساريو ۽ ”گ“ کي ياد ڪريو ۽ چئو تہ: آگ، گڻ ، اوگڻ، گيت ۽ گان.

"ڳ" جو ڪڏهن ڪڏهن گهمرو "ڪ" تان بہ ٿيندو آهي. "ڳوٺري" لفظ انهيءَ وقت "ڪوٺري" ٿي ويندو آهي. "ڳ" جي آوازي ڦير گهير 'ڳ' ۽ 'ڪ' سان ٿيندي آهي.

(٤٣) گهہ

"گهہ" جو تبادلو "گ" ۽ "ڪ" سان "گ" وانگر ٿيو آهي. گهہ مرڪب يا ٻٽو يا گڏيو حرف آهي. اهو گ ۽ هہ گڏجڻ سان ٺهيو آهي.

جنگهہ - تنگ (گهہ - گ)
لنگهہ - لڪ (گهہ - ڪ)
لينگهو - ليڪو (گهہ - ڪ)
منگهٽ - موڙ (گهہ -)

مٿئين خاڪي کي اگر ڏيان سان ڏسبو تہ، پهرئين لفظ ۾ "گهہ" جو "گ" سان تبادلو ۽ ٻئي لفظ سان گڏ ٽئين لفظ ۾ "گهہ" جو "ڪ" سان تبادلو نظر ايندو. چوٿين لفظ ۾ "گهہ" حذف نظر ايندي. "گهہ" سنڌي ڦلواڙيءَ جي ٽيتاليهون نمبر ٻاري آهي.

(٤٤) ڱ

سنڌي ڦلواڙيءَ جو "ڱ" اکر ٤٤ گلڙو آهي. هن اکر سان ڪو بہ سنڌي لفظ ڻ، ڙ، ڃ وانگر شروع نہ ٿيندو آهي. "ڪ" جي خاندان ۾ هي اکر نون غنہ (ن) جي نمائندگي ڪندڙ آهي. اسان جا بزرگ اڳي "ڱ" کي "نگ" ڪري لکندا هئا. هينئر بہ گهڻا اهو رستو ونيو اچن. کي لکن اڱ ۽ رڱ ۽ کي تحرير فرمائين انگ ۽ رنگ. حقيقتن اها لکڻ جي هير ڦير

آهي. آواز ٻنهي صورتن جي حالت ۾ ساڳيو ڪبو آهي. "ننگڻ" کي "لنگهڻ" چوندا آهيون. اهو "گ" ۽ "گهہ" جو تبادلو آهي.

(۴۵) ل

اکرن جي متاستا هڪ قسم جي جدول سمجهو. جهڙي طرح سان جدول ڏهڻ کان پوءِ حساب جو جواب لهڻ آسان ٿيو پوي ٿو بلڪل اهڙي طرح سان اکرن جي تبادلي جي خاڪي کي ذهن ۾ رکڻ سان ٻولي کي سمجهڻ سولو ٿيو پوي ٿو.

ل – ر
آلس – آرس
آلوٽ – آروٽ
تل – تر
تلوار – تراڙ
ٿل – ٿر
پٽل – پٽر
ڦل – ڦر
چڪلو – چڪرو
چوڦلو – چوڦرو
ٿالي – ٿاري
ٻل – ٻر
سوٻل – سوٻر
ڪجل – ڪجرو
ميل – مير
نالي – ناري

نالو - نارو
هولي - هوري

جتي "ر" آهي، سا معني واري لفظ ۾ ڦري "ل" ٿي آهي. "ر" ۽ "ل" جو تبادلو اهڙي نموني وڏي انداز ۾ ٿيل آهي.

(۴٦) م

منهنجي پياريءَ ٻولي جو "م" اکر ۴٦ نمبر اکر آهي. اڳي اسان جا بزرگ هن کان "ن" غنه جي آواز جو ڪم تمام گهڻو وٺندا هئا. اهو مثن عربيءَ جو اثر هو. اسان جا بزرگ ڪڏهن "سائين" لفظ "سائيم" ڪري لکندا هئا. قلمي نسخن ۾ اهڙي قسم جا الفاظ اوهان کي اڄ به انهيءَ نموني ۾ لکيل نظر ايندا. "م" جو گهڻو تڻو تبادلو "ل" ۽ "و" سان ٿيو آهي. هيٺين لفظن ۽ انهن جي خاڪي مان هير ڦير آسانيءَ سان پروڙي سگهجي ٿي:

چمڪاٽ - چلڪاٽ (م - ل) .
نمڻ - نئڻ (م . ء)
موٽائڻ - وارڻ (م. و)

اهڙي طرح "م" جو تبادلو ل، ء، و وارن اکرن جي جاءِ تي عام طرح سان ٿيو. ل، ء، ۽ 'و' اکرن جي جاءِ تي "م" جو پڻ تبادلو اوهان ڏٺو هوندو.

(۴۷) ن

"ن" سنڌي الف - ب جو ۴۷ نمبر اکر آهي. اسان "گهُٽين" نون جو ڪم انهيءَ ڪان وٺندا آهيون. حرف صحيح به "ن" کي اُچاريندا آهيون. "ن" جو تبادلو "ل" ۽ "ڃ" سان ڪيو ويو ۽ ڪٿي ڪٿي "ن" کي ڪٽيو پڻ ويو آهي.

"ننگڻ" "نراڙ" لفظ "لنگهڻ" ۽ "للاٽ" ڪري اُچاريندا آهيون اهو "ن" جو "ل" سان تبادلو آهي.

"منائڻ" کي مڃائڻ به ڪري چوندا آهيون. "ن" ۽ "ڃ" نڪ جا آواز آهن. انهيءَ ڪري انهن جو تبادلو هئڻ لازمي آهي.

"مانگهه"، "مانگر مڇ" کي "ماگهه" "مگر مڇ" پڻ چئبو آهي. انهن لفظن مان "ن" ڪڍيو ويو آهي. ائين ڪيترن لفظن مان "ن" غنه توهان کي حذف ٿيل نظر ايندو.

(۴۸) ڻ

"ڻ" سان، سواءِ "ڻوڻ" لفظ جي ٻيو ڪو به شروع ڪو نه ٿو ٿئي، ڪٿي تبادلي ۾ "ڻ" کي حذف پڻ ڪيو ويندو آهي. "ڻ"، "ڙ" کي ويجهو آواز آهي. انهيءَ ڪري انهن جو پاڻ ۾ ويجهڙائي جو رستو آهي. ڪٿي "ڻ" نون غنه وانگر به ڪم آئي آهي. مثلاً.

ڍڪڻ - ڍڪ (ڻ- --)
ساڻيهه - ساڙيهه (ڻ - ڙ)
ڪڻاهه - ڪڙاهه (ڻ- ڙ)
ماڻهون - ماڙهو (ڻ - ڙ)

وڻاھ - وڙاھ (ڻ - ڙ)
ڏڻ - ڏينهن (ڻ - ن)

"ڻ" جو اوهان کي ڪو بيو تبادلو نظر اچي ته پنهنجي پائرن کي ضرور واقف ڪجو. البت جي اهو ڪرم اوهان مون تي ڪيو ته اوهان جي ٿوري سان اهو هن ڪتاب ۾ شامل ڪيو ويندو. مون کي جو ڪجهه تبادلو سجهيو ٿي، سو مون اوهان کان لڪائي ڪو نه رکيو آهي. اوهان کي به گهرجي ته مون کان اوهان پنهنجي ڄاڻ نه لڪايو. جي نه لڪائيندا ته مهرباني، جي ڪنجوس ٿي پنهنجي معلومات لڪائي رکي ڇڏيان ته نهيو! منهنجي ميار اوهان تي لڳي. ميارون پنهنجن تي ڪبيون. ڌارين تي اُيتريون ڪبيون!

(۴۹) و

"و" اکر سنڌي ٻوليءَ جو ۴۹ نمبر اکر آهي. اهو "و" اکر گهڻو ڪري اسم واحد جي پڇاڙي ايندو آهي. اسان جي سنڌي لفظ جي وڏي ۾ وڏي سڃاڻپ به اها آهي ته، اُن جي پڇاڙيءَ ۾ گهڻو ڪري "و" هوندو ئي هوندو. جن ٻين ٻولين ۾ به "و" لفظن جي پڇاڙيءَ ۾ آهي، اهي ٻوليون به سنڌيءَ کان گهڻو متاثر ٿيل ليکبيون آهن. جتي سنڌي ٻوليءَ ۾ "و" آهي، فارسيءَ ۾ توڙي عربيءَ ۾ يا اردوءَ ۾ يا سنسڪرت ۾ اُتي "ب" ڪم آيل آهي. عربيءَ ۾ چون "بله" ۽ اسين سنڌيءَ ۾ چئون "ولهه". سنسڪرت ۾ چئون "بال" سنڌيءَ ۾ چئون "وار". پارسيءَ ۾ چون "برآمده" ۽ سنڌيءَ ۾ "ورانڊو." اردو يا هنديءَ ۾ چئون "يلغار" يا "بسنت" اسين سنڌيءَ ۾ چئون "ولهار" يا "وسنت". اسان سنڌي جتي "و" اکر

أچاربون أتي "پيون قومون" "ب" أچارين. أهو انهيءَ ڪري ٿيو آهي جو دنيا جي پراڻي رسم الخط ۾ "و" ۽ "ب" جي صورت هڪجهڙي آهي. "موهن جي دڙي" ۾ پڻ ائين آهي. اهو اثر پين تي گهڻو آهي. پر خود اسان تي به ٿورو گهڻو آهي. اَسين بہ "و" جي بدران "ب" اچاريندا آهيون. "وانر" کي انهيءَ سبب ڪري "باندر" پيا چئون ۽ "وج" يا "وجلي" کي اڄ "بجلي" پئا چئون. اهڙيءَ طرح "ويراڳي" کي "بيراڳي" ۽ "ويراڳ" کي "بيراڳ" ڪري چوندا آهيون، ۽ آئون اهڙا الفاظ هتي ڏيان ٿو. هرويرو تہ "و" مان "ب" ۾ لفظ يڪدم تہ ڪو نہ ٺهندا پر اوهان جي محنت ڪندا، تہ توهان کي "و" کان "ب" ڏانهن ويندڙ اڪر روز هڪ بہ ملنيو ويندا. أهي نَوٽ ڪريو. اهڙي طرح سان توهان وٽ لفظن جو ذخيرو وڌندو ۽ اوهان کي ڏکين لفظن جي معنيٰ ڪڍڻ ۾ ڪا بہ تڪليف ڪو نہ ٿيندي:

و		ب
وارو	–	بارو
وينڪ	–	بينڪ
سرو	–	شراب
سيوي	–	سبي
ورهہ	–	بره
ويراڳي	–	بيراڳي
وڏر	–	ابر
ورتاء	–	برتاء
ورسڻ	–	برسڻ
ورسجڻ	–	برسجڻ
ورسي	–	برسي

"و" جا بيا به ننڍا ننڍا تبادلا ٿيندا آهن. ڪٿي "و"، "ٻ" ۾ به تبديل ٿيندو آهي، "سيوي" کي "سيٻي" انهي ڪري چئبو آهي.

ڪڏهن ڪڏهن "و" "ب" جي بدران "ٻ" سان به مٽبو آهي. "ويلڻ" جنهن سان ڪٺڪ جون مانيون پچائبيون آهن سو ڪٿ ڪٿ "ٻيلڻ" چوندي ٻڌو ويو آهي. انهيءَ ڪري واٽيءَ کي "ٻاٽي" به چئبو آهي.

"و"، "هہ" ۾ ڦرندو آهي، "چوڻ" انهيءَ ڪري "ڪهڻ" ٿيندو آهي. فارسيءَ جي لفظن ۾ جتي پڇاڙيءَ ۾ "ہ" هجي، اُتان اها "هہ" ڪڍي "و" وجهو ته اُن لفظ جو روپ سنڌي ٿي پوندو. مثلاً "آشيانہ يانہ" مان "آشيانو" يا آسوده مان "آسودو".

"و" ۾ "ڏ" بہ ڦرندو آهي. "ونگو" انهيءَ ڪري "ڏنگو" ٿيو آهي. ڪٿ لفظ "ويکر" "موکر" چوندي به ٻڌو ويو آهي. اهو "و" "م" جو تبادلو ليکبو "الاوڻ" کي "الاپڻ" بہ چون. هتي و، پ جو ڦيرو پڌرو ٿو ٿئي. ڪٿي تہ "و" کي ڪٽيو ويو آهي. "وٽاڻ" لفظ انهيءَ ڪري "ٽاڻ" ٿيو آهي.

"و" "ب" سان تبديل ٿيندو آهي ۽ پڻ ب، ٻ، ڦ، هہ، ڪ، م، ڏ ۽ الف "و" سان تبديل ٿيندا آهن، جن مان مون ڪن جا مثال ڏنا آهن.

(٥٠) هہ

"هہ" جو الف سان تبادلو

هيڪلو - اڪيلو

هڪ — اڪ
هُن — اُن
هُتان — اُتان
هَتان — اَتان
هو — او
هُتي — اُتي
هتي — اِتي

"هه" جو "س" سان تبادلو

واهڻ — وسڻون.
آهنگو — آسانگو
آهرو — آسرو
اهڙا — اسکيا
اُره — ارس
مانهن — ماش
پيهڻ — پيسڻ
ماهه — ماس

"هه" جو "ڪ" سان تبادلو

"چوهر" لاسي ماڻهو "چوڪر" کي چوندا آهن ۽ "هه" جو "ڪ" سان تبادلو ڪندا آهن.

"هه" جو "ڇ" سان تبادلو:

"هاڪ" کي "ڇاڪ" پڻ چئبو آهي:

"ڇڻي ويندين ڇاڪ، پاڻهين پوندا پيش مون" اِهو "هه" ۽ "ڇ" جو تبادلو آهي.

"هه" جو "ي" سان تبادلو

"لهڻ" کي "ليڻ" به ڪري ياد ڪريون، اهو "هه" ۽

"پ" جو تبادلو آهي. هونئن به "پ" مان "ب" وجائبي ته باقي "هه" بچندي. اهو چڻ "هه" سان "پ" بدلائي ويئي آهي.

"هه" سان "ڄ" جو تبادلو:

اسان جا سرائڪي وارا پائر "هلڻ" کي چون "ڄلڻ،" اهو "ه" ۽ "ڄ" جو تبادلو ڪن ٿا. مٿي "هه" جو الف، س، ش، ڪ، ڇ، پ ۽ ڄ سان تبادلو ڪيو ويو آهي. انهيءَ ڪان سواءِ "هه" جو ٻين اکرن سان تبادلو مون کي ڪو نه سجهي. "هه" سنڌي ٻوليءَ جي آئيوبيٽا موجب ۰ ۵ اکر آهي. "هه" جو وڌو تبادلو "الف" ۽ "س" سان ٿيندو آهي.

(۵۱) ء

"ء" اسان جي الف - ب جو ۵۱ اکر آهي. "م" "ت" ۽ "ٽ" سان "ء" جو گهڻو تبادلو ٿيندو آهي. هونئن گهڻو ڪري جنتي ڪو اکر ڪمزور ٿي ويندو آهي. اُن جاءِ تي "ء" ايري ايندو آهي، وري جيڪو ٻيو طاقت وارو لفظ اتي قبضو ڪرڻ گهرندو آهي ته "ء" ان کي وڏي دل سان جاءِ ڏيندو آهي. "ء" جي تبادلي لاءِ هيٺ ڪي لفظ ڏيان ٿو:

ڪنئاري - ڪماري (ء - م)
نئڻ - نمڻ (ء - م)
جيئان - جتان (ء - ت)
ڪيئان - ڪٽان (ء - ٽ)

(۵۲) ي

"الف" کان وٺي "ي" تائين اکرن جي ڦير گھير جو ذڪر ڪري چڪو آهيان. باقي "ي" اسان جي ٻوليءَ جي الف – ب ۾ آخرين اکر آهي ۽ اهو ٺي ۵۲ اکر آهي. "ي" جو تبادلو "ڄ" ۽ "ج" سان ٿيو آهي:

سيڻ – سڄڻ (ي– ڄ)
يوگ – جوڳ (ي– ج)
ايوگ – اجوڳ (ي – ج)
مسيت – مسجد (ي – ج)

مٿين آوازي تبادلن کي ذهن ۾ رکيو ويو ته سنڌي ڏکين لفظن جي معنيٰ آسانيءَ سان يڪدم پلئه پئي سگھندي ۽ ٻوليءَ جي اندروني خاڪي جي خبر پئجي سگھندي. هن سڄي مناسبتا جو خاڪو پيش ڪيو ويو آهي ته جيئن هن سڄي ڪتاب جي آوازي تبادلي جي جدول آسانيءَ سان معلوم ڪري سگھجي.

پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙَهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنى e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا

ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو ته پَڪَ ڄاڻو ته اُهو بِہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيلا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَمَلَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پوءِ بيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَ کي ڪُليل اڪرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَس پٽاندڙ وڏِ ڪان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.
... ...
جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛
... ...
ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........
... ...
هي بيتُ اَٿي، هي بَم ـ گولو، جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڻجاڻائي کي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ نادانيءَ جي نشاني آهي.

پَڙَهن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻجاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙھندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چوءِ چالاءِ ۽ کينئن** جھڙن سوالن کي ھر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺَ ڏين ٿا ۽ انھن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي پنھنجو حق، فرض ۽ اٽل گھرج unavoidable necessity سمجھندي ڪتابن کي پاڻ پڙھڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻھن تائين پھچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توھان بہ پڙھڻ، پڙھائڻ ۽ ڦھلائڻ جي اِن سھڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگھو ٿا. بَس پنھنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، ھر قسم جا ڳاڙھا توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪِي پائي چيو تہ ”منھنجا ياءُ
پھتو منھنجي من ۾ تنھنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪي جو ٻيجل ٻوليو)